بيدل

2025

الاالله اثبات ڪر، اهو آ اسلام،
طالب جڏ تفرقو، اچي وٽ آرام،
معنيٰ واري مام، نفيءَ سان نروار ڪر.

فقير قادر بخش بيدل رح



سيد خورشيد احمد شاهه

ميمبر قومي اسيمبلي



سيد ناصر حسين شاهه

صوبائي وزير توانائي، پلاننگ

سيد ڪميل حيدر شاهه

چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر

سيد مير يعقوب علي شاهه

چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي روهڙي

راجہ محمد بخش ڏاريجو

ڊپٽي ڪمشنر سکر، چيئرمين

بيدل بيڪس يادگار ڪاميٽي روهڙي

سيد قاسم علي شاهہ

ڪنوينر

بيدل بيڪس يادگار ڪاميٽي روهڙي

محمد اسلم ميمڻ

وائيس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي روهڙي،

ميمبر بيدل بيڪس يادگار ڪاميٽي

عرفان علي دائود پوٽو

ڪائونسلر، ميمبر

بيدل بيڪس يادگار ڪاميٽي

حضرت قادر بخش بيدل رحہ جي عرس مبارڪ،
ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعري جو افتتاح

بيدل ڪانفرنس ۽ مشاعري جي هڪ جهلڪ



بيدل رحہ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعري ۾ حصو وٺندڙ محقق ۽ شاعر

بيدل رحه ايوارڊن جي تقريب جون جهلڪيون

بيدل رحہ جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ٿيل صوفياڻو سماع

(حضرت قادر بخش بيدلؒ جي شخصيت، فن ۽ فڪر بابت تحقيقي جرنل)

بيدل_2025

(ذي القعد 1446هه_ مئي 2025)

(حضرت قادر بخش بيدلؒ جي 156 هين عرس جي موقعي تي پڙهيل مقالا، مضمون ۽ شاعري)

مُرتب:

صاحبزاده محمد عبيدالله قريشي
(سيڪريٽري بيدل يادگار ڪاميٽي)

صلاحڪار بورڊ:

پروفيسر شمس صابر ڪلوڙ
حزب الله آ ۽ سومرو
ڊاڪٽر محمد شريف "شاد" سومرو
پروفيسر منظور بيدار

پاران
بيدل يادگار ڪاميٽي روهڙي

تحقيقي جرنل جو نالو: **بيدل-2025ع**
سال اشاعت: 2025ع
مُرتب: صاحبزاده محمد عبيدالله قريشي
صلاحڪار بورڊ: پروفيسر شمس صابر ڪلوڙ
حزب الله آءِ سومرو
ڊاڪٽر محمد شريف ”شاد“ سومرو
پروفيسر منظور بيدار
ڪمپوزنگ: رضوي پرنٽنگ خيرپور
اداره اشاعت: بيدل يادگار ڪاميٽي روهڙي

نوٽ: اداري جو مقالي، مضمون يا شاعريءَ جي متن سان متفق هجڻ ضروري نہ آهي.

قيمت: **300** روپيا

مقالا

سٽاءُ

صفحو	موضوع	نمبر
4	سوانح حيات حضرت عبدالقادر عرف قادر بخش رحہ ....حزب الله آءِ سومرو	(1)
6	پنهنجي پاران..............محمد عبيدالله قريشي	(2)
9	پيش لفظ.....حزب الله آءِ سومرو..........	(2)
11	ڪافي ۽ بيدل سائين 1815ع کان 1873ع جي ڪافين جو فني جائزو ....ڊاڪٽر محمد شريف "شاد" سومرو	(3)
30	علم عقل جون ڳالهيون برهہ بنا برباد ....حزب الله آءِ سومرو	(4)
37	قادر بخش بيدل رحہ جو فڪري پيغام ....پروفيسر منظور بيدار	(5)
44	قادر بخش بيدل جي صوفي فڪر جو تنوير عباسيءَ تي اثر..........ڊاڪٽر انور پرديسي	(6)
56	بيدل جي شاعريءَ ۾ صوفين جا فرض..عابد سومرو	(7)
60	قادر بخش بيدل جي شاعريءَ ذريعي مخلوق جي تربيت..........عطاءُ الله قريشي	(8)
64	بيدل جو همعصر شاعر بزرگ بچل شاهہ ....علي حسن سرڪي	(9)
73	بيدل سائينءَ جي وحدت نامي جو روحاني رنگ ....ديدار معصوم	(10)
79	بيدل سائينءَ جو فڪر ۽ ان جا سرچشما..فقير قليو	(11)
88	پرت جو پينار بيدل......سيد اڪبر شاهہ بخاري	(12)
94	بيدل ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو....عابد سومرو	(13)

سوانح حيات حضرت عبدالقادر عرف قادر بخش رح

حزب الله آءُ سومرو

نالو: عبدالقادر عرف قادر بخش

تخلص: بيدل

ولديت: محمد محسن ولد بيگ محمد رح قريشي

سنہ ولايت: 1231ھ مطابق 1815ع

هنڌ: روهڙي

علمي مقام: قرآن، حديث، فقه ۽ تصوف جو عالم

ادبي مقام: سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻوليءَ جو شاعر

مرشد: سيد جان الله شاهہ رضوي "ثاني"

مسلڪ: حنفي، قادري

سير سفر: سيوهڻ، جهوڪ، پٽ شاهہ، درازا، پير ڳوٺ، پريالوءِ، پنهواري، شڪارپور، ترڙي، بکار، اروڙ، سکر، بکر

همعصر صحبتي: روحل فقير ثاني، نانڪ يوسف، فقير محمد صلاح

طالب: محمد محسن بيڪس، قاسم علي شاهہ ۽ ٻيا

شاديون: ٻہ

اولاد: (1) محمد محسن بيڪس (متوفي 1298ع) (2) غلام فريد (صغير سن فوت) (3) امام بخش (صغير سن فوت) (4) ٻہ ڌيئر

وصال: 16 ذي القعد 1289ھ مطابق 15 جنوري 1873

وقت ۽ ڏينهن: ڏينهن خميس بوقت فجر
مزار: سندس مراقبي جي جاءِ لڳ ريلوي لائين روهڙي
ساليانو عرس: 14، 15، 16 ذي القعد روهڙيءَ ۾
تصنيفات: (1) مثنوي رياض الفقر (2) مثنوي رموزالقادري (3) مثنوي دل ڪشا (4) مثنوي نهرالبحر (5) مثنوي رموز العارفين (6) ديوان سلوڪ الطالبين (7) ديوان منهاج الحقيقت (8) ديوان مصباح الطريقت (9) غزليات بيدل (فارسي) (10) ڪرسي نامہ قادريہ ۽ متفرقہ فارسي ڪلام (11) وحدت نامہ فارسي (اڻ ڇپيل) (12) قصيده من تاريخ / تاريخهائي رسال الله (13) ظهور نامہ (اڻ ڇپيل) (14) سرور نامہ (15) وحدت نامہ اردو (اڻ ڇپيل) (16) وحدت نامہ سنڌي (17) فرائض صوفياء (18) ديوان بيدل-اردو (19) قصہ هير رانجها (20) قصہ ليليٰ مجنون (21) پنج گنج (22) فوائد المعنوي (23) سند الموحدين (24) تقويت القلوب في تذڪرة (25) في بطن احاديث (26) قرة العينين في مناقب سبطين (27) تاريخ سنڌ (اڻ ڇپيل) (28) خطبات جمعہ و عقائد (29) انشاءِ قدري (30) لغت ميزان طب (اڻ ڇپيل) (31) وصيت نامہ (اڻ ڇپيل) (32) تجل جي بزرگن جو تذڪرو (اڻ ڇپيل)

پنهنجي پارن

يه ياد مولىٰ دي وچ نِت رهين
ٻاجهوں ذڪر نه دم اٺاوڻا هئي
نال فڪر فنا دي راتيان ڏينهان
ٻڌ خيال خودي نون گوائڻا هئي
در پير مغان دا متان ڇوڙين
انهان دي خاڪ نال دل جاوڻا هئي
بيدل مرشد جڏاهان وت مهر ڪري
تڏاهان ڪل نِي مطلب پاوڻا هئي

الحمدلله بيدل- 2025 جي ترتيب ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ مان شڪرگذار آهيان پنهنجي ٽيم جي ميمبرن سائين حزب الله آءِ سومرو صاحب، سائين شمس صابر صاحب، پروفيسر منظور بيدار صاحب، حاجي بشير احمد چنه صاحب ۽ ڊاڪٽر شريف ”شاد“ صاحب جن جو، جن جي رهنمائي جي ڪري پوئين سال سالانه عرس مبارڪ جي موقعي تي سيني اديبن، شاعرن جي مواد کي اسان هن ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏئي اوهان کي پيش ڪري سگهياسين. ان موقعي تي مان بيدل يادگار ڪاميٽي جي چيئرمين جناب ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر راجه محمد بخش ڌاريجو ۽ ڪنوينر سيد قاسم علي شاهه جو پڻ ٿورائتو آهيان جن اسان کي اهو موقعو فراهم ڪيو. بيدل سائينءَ جو فڪر يادِ الاهي، ذڪرِ الاهي، وحدت، محبت، امن ۽

پيار جو آهي. تصوف سندن منشور ۽ زندگي امربالمعروف و نهي عن المنڪر جي تبليغ تي مشتمل آهي. بيدل سائين هڪ عالم، عارف، بلند پايہ صوفي هيو. سندن فڪر ۽ تعليمات ڪي هن مهل تائين منجهايو ويو آهي جڏهن تہ بيدل سائين وحدت الوجود جي تصور جو حامي هيو. ماضيءَ ۾ ڪجھ آزاد خيال اسلامي فڪر جي باغي اديبن، دانشورن ۽ ملحدن بيدل سائينءَ جي شخصيت ۽ تعليمات کي غلط انداز ۾ تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا بيدل سائينءَ جي تعليمات ۽ فڪر جي منافي آهي. سنڌ جي درگاهن تي اهڙين لابين قبضا ڪري انهن بزرگن جي درگاهن تي روحانيت جي سلسلي کي متاثر ڪيو آهي. انهن جي سرپرستيءَ ۾ سنڌ جي درگاهن تي ٿيندڙ عرس مبارڪ کي ميلي جو نالو ڏئي طرح طرح جي خرافات جو اهتمام ڪيو پيو وڃي. انهن اديبن ۽ شاعرن ڪڏهن بہ اهو آواز بلند نہ ڪيو آهي تہ سنڌ جي درگاهن تي ٿيندڙ خرافات، نشا پتا، جوئائون، ڪدڙن جو ناچ، بزرگن جي تعليمات جي خلاف آهن. حضرت قلندر پاڪ رحمة الله عليہ، حضرت شاھ عبداللطيف رحہ ڀٽائي، حضرت سچل سرمست رحہ ۽ حضرت بيدل سائين رحہ سڀ عالم ۽ عارف هيا. سڄي زندگي الله ۽ ان جي رسول صہ جي پيغام کي عام ڪيو. انهن جي شاعري سڌو سنئون قرآن جي احڪامات جي تبليغ آهي ۽ انهن جي درگاهن تي انهن جي عرس تي ڇا ٿي رهيو آهي؟ اڄ ڏينهن تائين اتي قائم سيڪيولر اديبن جي ڪاميٽن انهن برائين جي خاتمي لاءِ ڪوبہ تحريري ۽ تقريري ڪم نہ ڪيو آهي. پنهنجي ذات جي خودنمائي ۽ پنهنجي

پروجيڪشن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو. ان سلسلي ۾ اسان جي ڪوشش هوندي تہ پاڻ بہ بزرگن جي تعليمات تي عمل پيرا ٿيون ۽ درگاهہ تي بہ اهو ماحول پيدا ڪريون، جنهن ۾ امن، محبت، پيار، زائرين جي خدمت، رواداري جي جهلڪ نظر اچي. اها هڪ ڪوشش هوندي جيڪا باقي سڄي زندگي جاري رهندي.

ان شاءَ الله

والسلام

محمد عبيدالله قريشي

سيڪريٽري

بيدل يادگار ڪاميٽي

۽ خادم درگاهہ بيدل بيڪس رحہ

0314-4112324

0333-7102483

پيش لفظ

الحمدلله والصلوٰة والسلام عليٰ رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ و اصحابہٖ وسلم اما بعد:

سک رمز وجود وڃاوڻ دي
ناهي حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي
(بيدل رحہ)

"پاڻ وڃائڻ" جو فلسفو ڇا آهي؟

پاڻ وڃائڻ جو مطلب ٻن صورتن ۾ آهي. هڪ ننڍي پئماني تي، ٻيو وڏي پئماني تي. ننڍي پئماني تي پاڻ وڃائڻ جو مقصد آهي پنهنجي انا، پنهنجي خودي ختم ڪرڻ، تڪبر ۽ وڏائيءَ کي ڇڏي ڏجي. عاجزي ۽ نرمي اختيار ڪجي. جڏهن ته وڏي پئماني تي پنهنجو وجود ختم سمجهي، خدا جي وجود ۾ ضم ڪرڻ جو تصور ڪرڻ. اهو تصور جڏهن پختو ٿي وڃي ٿو ته بندو خود بجاءِ خدا کي ڏسي ٿو. پوءِ سندس جسم، خدا جي مرضي ۽ خوشنوديءَ کان سواءِ چُرن پُرن نه ٿا. بيدل سائينءَ به اسان کي ٻئي قسم جو درس ڏيندي چوي ٿو، اها خصلت پڙهڻ پڙهائڻ سان نه ملندي پر مرشد ڪامل (شريعت ۽ طريقت جي پابند) مرشد جي تربيت سان حاصل ٿيندي.

بيدل يادگار ڪاميٽي پاران نڪرندڙ بيدل تحقيقي جرنل جي مواد ۾ اسان جي محققن ۽ ان سان گڏ شاعرن ڪوشش ڪئي آهي ته حضرت بيدل رحہ جي اصل فڪر کي نروار ڪجي ۽ سندس فڪر جي اوٽ وٺي جن ماڻهن غلط فڪر جي ترويج ڪئي تنهن جو حقيقي توڙ پيش ڪجي.

ڪجهه ماڻهن کي ذهن تي اهو ڀوت سوار هو ته اسان کان سواءِ سچ نه اُپرندو ۽ ان ڪري بائيڪاٽ کان ڪم

ورتائون، ناڪام ٿيا. اڳ ۾ هنن اهڙو بائيڪاٽ جو تجربو سچل سرمست جي ڪانفرنس ۽ مشاعري ۾ به ڪيو هو، جنهن ۾ به ناڪام ٿيا هئا. يقينًا الله جي ولين سان جيڪو به ٽڪر ۾ ايندو پاش پاش ٿي ويندو. رب ڪريم هر هڪ کي هدايت ڪري. (آمين)

هن موقعي تي بيدل سائين جي حوالي ڪان ڪجهه عنوان محققن جي تحقيق لاءِ ڏيان ٿو ۽ ان شاءَ الله هر سال اهڙا عنوان ڏبا رهبا:

(1) بيدل رحہ جو نانڪ يوسف تي اثر.
(2) بيدل رحہ جي حوالي ڪان جڙيل ادارا.
(3) بيدل رحہ جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ فقه ۽ دين جو بيان.
(4) بيدل رحح جي سنڌي ڪلام ۾ تجنيس حرفي
(5) بيدل رحہ جو سلسلہ طريقت.
(6) بيدل رحہ تي پنائيءَ جو اثر.
(7) بيدل رحہ جو اصغر سائينءَ تي اثر.
(8) بيدل رحہ جي سنڌي ڪلام ۾ تشبيهون.
(9) بيدل رحہ جي سنڌي ڪلام ۾ استعارا.
(10) بيدل رحہ جي سنڌي شاعريءَ ۾ علامت نگاري.
(11) بيدل رحہ جي شاعريءَ ۾ ديني عقائد.
(12) بيدل رحہ هڪ سنڌ دوست شاعر.

آخر ۾ گذارش تہ پنهنجي راءِ ڪان آگاهہ ڪندا. تہ جيئن انهن کي نظر ۾ رکي اسان هن تحقيقي جرنل کي بهتر ڪان بهتر بڻائي سگهون.

حزب الله آءِ سومرو
0300-3290626

ڪافي ۽ بيدل سائين (1815ع – 1873ع) جي ڪافين جو فني جائزو

ڊاڪٽر محمد شريف "شاد" سومرو

روهڙي سنڌ جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي، هن شهر کي روحاني حوالي کان وڏي اهميت حاصل آهي. هن شهر ۾ حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي وار مبارڪ جي زيارت صوفي بزرگن جون مزارون ۽ درويشن جون درگاهون ۽ هن شهر ۾ روحانيءَ رمزن سان ڀريل نظارا نظر ايندا آهن. شاھ لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ بيدل جي ڪلام کي هند ۽ سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل آهي. ڪافين جا جيڪي بہ بياض موجود آهن، تن مان هر هڪ ۾ بيدل جو ٿورو گهڻو ڪلام ضرور نظر ايندو. لاڙ، اتر ۽ وچولي ۾ جتي جتي راڳ ويراڳ جي محفل ٿيندي آهي، اتي بيدل جو ڪلام ضرور ڳايو ويندو آهي. بيدل سائين جي ڪلام ۾ قافيون اهڙيون نظر اچن ٿيون جيڪي عروضي بحر وزن تي پوريون لهن ٿيون. پر انهن کي اسان غزل ڪونہ چونداسين، ڇاڪاڻ تہ اهي ڪافيون هڪ ٽُڪي ڪافي جي قسم ۾ اچن ٿيون.

معنيٰ وجودي ڪر سهي، آهين سدا موجود تون،

ڪنهن جي عبادت ٿو ڪرين، ساڳيو آهين معبود تون.(1)

بحر: رجز مثمن سالم

وزن: مستفعلن (چار ڀيرا)

ڪري سينگار صورت جو، اچي سپ ۾ سمايا سي،

صفت ۾ پنهنجي رائي، سوين نالا سڏيا سي.(2)

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن (چار ڀيرا)

لاشڪ آه عاشقن ڪي، دل ۾ ڪتاب ڪافي،

جنهن ۾ اصول اصلي، لاريب لا خلافي.(3)

بحر: هزج مسدس محذوف

وزن: مفاعيلن مفاعيلن، فعولن فعول.

بيدل سائين وٽ هڪ تڪي ڪافي جي قسم نوان آهي مذڪوره ڪافيون هڪ تڪي ڪافي ۾ شمار ٿئي ٿي پر هر ڪافيءَ جو بند هم قافيه آهي، جنهن ڪري هن ۾ ردم وڏيڪ پيدا ٿئي ٿو ۽ منفرد نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر بلوچ به اها ئي ڳالهه ڪئي آهي. ڪافي راڳ توڙي نظم سنڌ وارن جي ايجاد آهي ۽ پوءِ ٻين شهرن توڙي ملڪن ۾ مشهور ڪئي ويئي جنهن ۾ پنجاب ۽ هندوستان جا ڪجهه علائقا اچي وڃن ٿا. اتي جي بزرگن پنهنجي صوفيانه رنگ کي ڦهلائڻ جو ڪافي بهترين ذريعو سمجهي طبع آزمائي ڪئي ۽ اظهار جو وسيلو بڻايو.

امير خسرو سنڌي ڪافيءَ کان متاثر ٿيو تنهن ڪري اهو چوڻ عبث پيو لڳي ته ڪافي امير خسرو ايجاد ڪئي. امير خسرو جي ڪليات ۾ ڪافي نالي ڪوبه نظم ڳوليو نٿو لڀي.

ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق، ”ڪافي نظم“ ”قافيه“ مان جڙيو، يعني هن ۾ قافين جو گهڻو استعمال آهي، انهيءَ ڪري اهڙي نظم کي ڪوئيو ٿي قافي ويو. جنهن کي وقت

گذرڻ کان پوءِ لفظ قافي مان ڦري ڪافي ٿيو آهي. قافيون چوڻ وارن جو تعداد يعني قافيون سرجيندڙن شاعرن جو تعداد هزارن ۾ آهي، بلڪ شمار کان ٻاهر آهي. ڪافي ڳائڻ واري کي ڪافير ڪوٺيو ويو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکڻ موجب: ”سنڌي نظم جي تاريخ ۾ قافي قدامت جي لحاظ کان ”ڳاهه“ (صنف) کان پوءِ ٻئي درجي تي آهي. ”قافي“ عربي نظم قافيہ/ (قصيده نظم) جو سولو سنڌي نالو آهي. عربي دان سنڌي شاعرن جي مشهوري ٻي صدي هجري کان ٿي ۽ غالبًا اهڙن شاعرن سنڌي ۾ پڻ ڪي شعر چيا جيڪي ”قافي“ جي نالي سڏيا ويا. انهيءَ اندازي موجب قافي نظم جي شروعات ٻارهن سؤ ورهيہ کن اڳ ٿي. نظم جي اها صنف پوءِ سماع طور ڳائجڻ لڳي“ (4)

سمن جي آخري دؤر ۾ ۽ ارغونن جي شروعاتي دؤر ۾ شيخ لاڌ جيو (1523ع -1598ع) وڏو ڪافير هو، جيڪو پوءِ هجرت ڪري وڃي برهانپور ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪئي. ”غالبًا ستين صدي هجري (مطابق 1280ع) کان وٺي صوفي درويشن ۽ سندن مجلسن ۾ سماع ڪندڙ سنڌي ذاڪرن قافين ۽ ڪلامن کي سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر ڳائي مشهور ڪيو، اهڙيءَ طرح سنڌ جو هي قافي نظم ۽ ڪافي ڳائڻ پهريائين سنڌ کان اتر طرف ملتان واري خطي ۾ (جيڪو ان وقت سنڌ ۾ شامل هو) رائج ٿيو. ۽ اتان پوءِ اڳتي پنجاب ۽ هندستان جي بين ڀاڱن تائين پهتو. سنڌ جي ڪافين ڳائڻ جي سلسلي جي اها خاص لئي، جيڪا هندستان ۾ سڀ کان زياده مقبول پئي، سا ”ڪافي راڳ“ جي نالي سان مشهور ٿي“. (5)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته: ”شيخ فريد وٽا سماع جون محفلون هلنديون هيون، انهيءَ ڪري سنڌ جي ذاڪرن جو انهن محفلن ۾ ڪي مچائڻ جو پڻ قوي گمان نڪري ٿو. جيئن ته حضرت شيخ فريد پاڻ پڻ دهليءَ ۾ رهيو هو، ۽ بعد ۾ امير خسرو جي مرشد خواجه نظام الدين اولياءَ جي سانڍس عقيدتمندي رهي، انهيءَ ڪري سنڌ جي ذاڪرن ۽ قوالن جي دهلي ۾ خوجه نظام الدين اولياءَ جي سماع جي محفلن ۾ قافيون ڪلام ڳائڻ ۽ سنڌ جي ڪافي راڳ ڪي اتي مشهور ڪرڻ قرين قياس نظر اچي ٿو. ازآن سواءِ امير خسرو پاڻ پڻ ملتان آيو. ۽ انهيءَ ڪري ڪيس سنڌي راڳ ڪافي جي خبر پئي“. (6)

شيخ لاڏ جيو جي همعصر مير محمد فاضل شاهه بکري، جيڪو مير معصوم شاهه بکري جو وڏو ڀاءُ هو. سنڌي ڪافي کي دهلي ۽ آگري ۾ مشهور ڪيو. بلڪه مغليه دربار ۾ ڪافي کي متعارف ڪرايو. شيخ فريد بکري پنهنجي تصنيف ذخيرة الخوانين سترهين صدي عيسوي جي تصنيف آهي، پر ابوالفضل آئين اڪبري ۾ هندوستان جي پرڳڻين جي راڳ جي متعلق راءِ ڏني آهي، جنهن ۾ هندوستان جي راڳڻين کان علاوه سنڌ جي ڪافي راڳ جي به تصديق ڪئي آهي.

ڪافي جو تعلق موسيقي سان آهي، جنهن کي مختلف راڳڻين ۾ ڳايو ويو، جنهن جو سلسلو صديون پراڻو آهي. آڳاٽي دؤر کان وٺي موجوده دؤر تائين ڪافي زنده آهي، جنهن جي ارتقا جي خبر تاريخي مواد مان ملي ٿي. هند جي موسيقي الڳ رهي آهي، ته سنڌ جي موسيقي به جداگانه حيثيت جي

حامل آهي. موهن جي دڙي مان ناچڻيءَ جي مورتيءَ جو ملڻ بہ موسيقي ۽ ناچ جي طرف چٽو ثبوت ملي ٿو.

موسيقي سرياني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”راڳ“ سنڌيءَ ۾ ”راڳ“ ئي ڪوٺيو وڃي ٿو. راڳ يعني ڳائڻ وڄائڻ جو علم جنهن جي وسعت لامحدود آهي. يڪتارو، دلو ۽ ڍولڪ ڪافي راڳ جا لازمي ساز آهن. هونئن ڪافيءَ کي موجوده دؤر ۾ هارمونيم يا بين سازن تي بہ ڳايو ويو آهي پر حقيقي معنيٰ ۾ ڪافيءَ جي ٻڌڻ جو مزو سادن سازن ۾ آهي، جنهن ۾ شاعري جو اصل مقصد ادا ٿئي ٿو، يعني پنهنجي ٻڌايل ڳالهہ يا روحاني/ رمزون پسي سگهجن ٿيون، باقي گهڻن سازن ۾ تہ آواز ۽ شاعري گم ٿي وڃن ٿا، جو ڏنِ ۽ ساز جو آواز ئي رهجي وڃي ٿو، جيڪو روحاني سڪون نٿو بخشي.

ڪافيءَ جا گهاڙيٽا ارتقائي مرحلا طئي ڪندا اچي موجوده ستا ۾ بيٺا آهن هن صنف جي طبع آزمائي تي وڏا تجربا ڪيا ويا آهن. ڪافي گو شاعرن ڪافيءَ ۾ اظهار لاءِ وڏي وسعت پيدا ڪئي آهي. ڪافيءَ جي فن ۾ بي انداز تجربا ڪري، عجيب رنگيني پيدا ڪئي ويئي آهي. مختلف تجربن جي ڪري ڪافيءَ جا جدا جدا نمونا ملن ٿا.

ڪافيءَ کي مجموعي طور هيٺين نمونن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هيڪوٽي، ڏيڍي، ٻيٽي، ٽيٽي، چوٽي. گهاڙيٽي جي لحاظ کان ڪافي مختلف وزنن تي لکيون ويون آهن. وزنن جي گهڻ وڌائي جي ڪري بہ ڪافين جي صورت ۾

گهٽي تبديلي اچي وڃي ٿي. ڪي ڪافيون وزن ۾ ننڍيون ڪي وچوليون ته ڪي وري وڏيون ٿين ٿيون. ڪافيءَ لاءِ ڇند استعمال ڪيو ويو آهي. پر ڪن شاعرن عروض ڪي به ڪافيءَ ۾ آندو آهي. جنهن ڪري به ڪافي هڪ جداگانه صنف جو روپ آهن، جن ۾ قافين جي تعداد ۽ انهن جي سٿاءَ خاص اهميت رکن ٿا. ڪافي ۾ اندروني تبديلين سان توڙي اندروني قافين جي ڪري موسيقي ۾ وڏي وسعت ۽ لئي پيدا ڪيئي ويئي. جنهن ڪي ڳائڻ وقت نوان ۽ نرالا رنگ نروار ٿيا.

ڪافيءَ ۾ مختلف مضمون شامل ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ: نفي اثبات، همه اوست، وحدت، ڪثرت، توحيد ۽ تصوف، حمد وَ نعت مدح ۽ ثنا، سڪ ۽ محبت حسن ۽ عشق هجر ۽ فراق صدائون ۽ التجائون، آهون ۽ دانهون، ڏک ۽ ڏوراپا، جوش ۽ جذبات، واقعات ۽ حالات، سلام ۽ سنيها عقل ۽ عشق جو معرڪو، نصيحت ۽ هدايت وغيره ڪافين ۾ ملي ٿو.

ڪافيون سُروار به لکيو ويون آهن، انهن سُرن ۾ اهي به شامل آهن جيڪي سر شاه لطيف رحه جي رسالي ۾ شامل آهن. مطلب ته ڪافي هر لحاظ کان سنڌ جي عوامي اُمنگن جي ترجماني صنف رهي آهي. جنهن ڪي عام وَ خاص، ٻڍو ۽ ٻار، جوان توڙي نوجوان عورت خواه مرد، هر طبقي سان واسطو رکندڙ هن صنف کي پسند ڪري ٿو توڙي جو اهو ٻهراڙي جو هجي يا شهري ٻنهي ۾ يڪسان مقبول آهي. جيڪڏهن

وائي ۽ ڪافيءَ کي قومي صنف قرار ڏجي ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو.

فني سٽاءَ جي لحاظ کان ڪافيءَ جا ڪيترائي قسم بيان ڪيا ويا آهن. انهن قسمن ۾ ڪافيءَ جا گهاڙيٽا ڪوڙ سارا آهن. ڏيڍ ٿيپيءَ کان ٻارهن ٿيپي تائين ملن ٿا. مگر ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل شيخ، ڪافيءَ جا صرف چار گهاڙيٽا بيان ڪيا آهن. ڪافي يڪي کان چؤٿي تائين انهيءَ ڪري ڪافيءَ جي قسمن تي روشني وجهڻ ضروري ٿو سمجهان جيئن مضمون سمجهڻ ۾ آساني ٿئي جيئن متي قسم بيان ڪري آيو آهيان، جيڪي هيئت ۽ بناوٽ جي لحاظ کان آهن.

ڪافي هيڪوٽي:

هن کي يڪي ڪافي هڪ تڪيءَ يا لسي ڪافي به چيو ويو آهي. هن قسم جي ڪافي غزل جيان به ٿيندي آهي. يعني هر هڪ مصرع ۽ ٿلهه ٻن سٽن جو ٿئي ٿو. مصرعن ۾ پوئين سٽ هميشه هم قافيه ٿئي ٿي. باقي ٿلهه ۾ ڪڏهن ٻئي مصرعون هم قافيه، ڪڏهن فقط پوئين مصرع هم قافيه ٿئي. غزل جيان جيئن مطلع ۾ پهريون ٻه مصرعون هم قافيه هونديون آهن. ٿل توڙي هر هڪ بند ۾ ٻه مصراعون ٽين بند جي ٻي مصرع هم قافيه ٿئي ٿي. هن ۾ ٻه ٽي قسم ملن ٿا. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ڇهه قسم آندا آهن. هر مصرع ۾ ٻه تڪ (يعني ٻه حصا) هوندا آهن، ۽ هر هڪ تڪ جو قافيو وراڻيءَ جي هم قافيه هوندو آهي. هيٺ بيدل سائين جي غزل نما ڪافيءَ جو مثال ڏجي ٿو.

تل: سَمجَهہ رکُ سالکَ سچا ڏِسُ هُو بہ هُو محبوب آهہ،
ثُـم وَجـہ الله کـنـيـن سُـڻ سُـو بَـہ سُـو محبـوب آهـہ.

جنهن پيتو ساغر صفا جو تنهن وِسايو هي وجود،
اُن جي فڪرت ۾ مُدامي رُو بَرُو محبـوب آهـہ...الخ(7)

هن قسم جي ڪافيءَ ۾ هر مصرع ۾ ٽي تڪ (حصا) هوندا آهن. ٽين تڪ جو قافيو وراڻيءَ جي قافيي سان هم قافيا هوندو آهي. هيٺ بيدل سائينءَ جو مثال ڏجي ٿو:

تـل: ديـدن سـان ڪـري ڏاڙو، دل لُٽيئـي يـار منهنجـي،
بند: هن ڪنيزڪ ڏانهن ڪڏهن ڪوهيارل، ويهي ڪج نہ وسارو،
سگهي لهج سار منهنجي.(8)

ڪافي ڏيڍي يا ڏيڍوڻي:

هن قسم جي ڪافيءَ ۾ هر هڪ بند ڏيڍ سٽو هوندو آهي ۽ گهڻو ڪري تل بہ ڏيڍ سٽو هوندو يا ڪن حالتن ۾ هڪ بہ هوندو آهي. پر ڪن حالتن ۾ هڪ مصرعو بہ هوندو آهي.

هن قسم جي ڪافي جي تل ۾ بہ مصرعون ٽين، جن مان پهرين يا پوئين مصرع بند جي پوئين مصرع سان هم قافيہ ٿئي. هن ڪافيءَ جي وراڻيءَ ۾ بہ قافيا هوندا آهن، جيڪي مصرع جي قافيي سان هم قافيہ هوندا آهن. ڏيڍي يا ڏيڍوڻي ڪافي ۾ پهرين مصرع ڪان پوءِ ساڳئي وراڻي ايندي

آهي، ڏيدي ڪافي ۾ ٽي قسم ملن ٿا: هڪ تڪي، ٻہ تڪي، ٽہ تڪي. هن ڪافيءَ جي ٿل يا پهرين مصرع ۾ ڪڏهن قافيو نہ بہ هوندو آهي. هيٺ بيدل سائين جي ڪافين مان هڪ مثال ڏجي ٿو:

ٿل: ديس ڇڏي پرديس تون آئين، وطن تون ڪيم وسار.
بند: سَڀُ ڄماندر جاليوءَ جن سان سانگي سي ڌرت سنيار.
وطن تون ڪِيمَ وسار...الخ(9)

وري ڪنهن ڏيدي ڪافيءَ جي ٿل ۾ بہ سٽون غزل وانگر ٿين، جي پاڻ ۾ هم قافيہ ٿين، ۽ بند جي چوٿين مصرع ٿل سان هم قافيہ ٿئي. مثال طور عثمان فقير جي ڪافي ڏجي ٿي:

ٿل: اکڙيون عزم ڪيڏو رکن، دلڙي ڦاسائڻ دام ۾،
ديدان ڪنهن دستور سان، موهيو وٺن هڪ مام ۾.
بند: اکڙيون سڄڻ تنهنجون مارڙيون،
ڪنهن ڏرن سان ڏتارڙيون،
تو ڏاڙي خاطر ڏارڙيون،
سگهڙو، آڻين هڪ دام ۾...الخ(10)

بيدل سائين وٽ هن قسم جي ڪافيءَ جو مثال نہ ٿو ملي.

ڪافي ٻيٽي:

هن جي ٿل ۾ ٻہ مصرعون ٿين، پر هر هڪ بند جي مصرع جو جدا جدا قافيو ٿئي، جيڪو بند جي پوئين مصرع سان جدا جدا هم قافيہ ٿين. هن جو ٿل ٻن مصرعن جو ٿيندو

آهي، هر مصرع جو قافيو الڳ هوندو آهي: مثال طور: بيدل فقير جي ڪافي ڏجي ٿي.

ٿل: عقل جو ويو اختيار، عشق اناالحق جو دم ماريو.

بند: عشق عقل جي لڳي لڙائي،
عشق ڪٽي جنگ، عقل هارائي،
هيڪل هڪ هسوار،
ڪيڏي ڪٽڪ کي بره پڇايو...الخ(11)

ڪن شاعرن وري ٿل ۾ ٽي مصراعون به استعمال ڪيون آهن. جنهن جو مثال عثمان فقير جي ڪافين ۾ ملي ٿو.

ٿل: صوفي صافئون صاف،
خيال سان الف جاڳائن ٿا،
اهي خان خوديءَ کي ڪاٽن ٿا...الخ(12)

هن قسم جي هر بند ۾ ٻه مصرعون ٿين، ٿل ڪڏهن ٻن مصرعن جو، ڪڏهن هڪ مصرع وارو يڪو يا ٻن پدن وارو ٿئي ٿو قافيي جي مٽ سٽ جي لحاظ کان هن جا ٻه مختلف نمونا ٿين ٿا.

ڪافي ٽيٽي:

هن جي ٿل ۾ ٽي قافيا ٿين، جي مصرع جي پوئينءَ سٽ سان لڳندا آهن. مصرع ۾ هڪ تڪ، ٻه تڪون يا ٽي تڪون ٿين ٿا يا ٻن کان مٿي تڪون هونديون، ته اهي وري پاڻ ۾ هم قافيه هونديون. هيٺ حافظ عبدالله ڪلهوڙو جي

ڪافي ڏجي ٿي. هن جي ڪافيءَ جي ٿل جي مصرع ۾ اندر لائين ٿيل لفظ قافيا آهن، جيڪي ان سان ٺهڪندڙ قافيا بند جي پوئين مصرعن ۾ آيل آهن. بند جون پويون مصرعون ٿل جي مصرعن سان هم قافيه ٿينديون آهن.

ٿل: جي جي چوان جتن، جن، مان پنهل پيارو.

بند: جاڳيس ڏسان نہ جاني.

جنهن جي ٻڌيس آءُ ٻانهي،

مٺي حال ٿيو حيراني،

هي هوت مان هٽن،

ڪن ڪيچ نيون ڪوهيارو...الخ(13)

پر بيدل سائين وٽ مثال هن طرح آهي.

ٿل: صوفي لا مذهب تڪرار، هر مذهب کنون آ بيزار،

بند: ڪي ٿا سُني پاڻ سڏائن،

ڪي ٿا شيعا پاڪ ڪوٺائن،

گيت هم جو عاشق ڳائن،

عشق جو اعليٰ آ اسرار...الخ(14)

هن ۾ ٽيئي مصرعون هم قافيه ٿين، بند جون ٻہ پويون مصرعون ٿل جي مصرعن سان هم قافيه ٿينديون آهن.

ڪافي چوٿي:

هن قسم جي ڪافي جي ٿل ۾ چار قافيه ٿين، جيڪي بند جي پوئينءَ مصرع سان هم قافيه ٿين. هن جي مصرع ۾ ٻہ ٻہ ٿي، يا گهٽيون تڪون ٿين، جيڪي پاڻ ۾ هم قافيه ٿين.

هيٺ حافظ عبدالله ڪلهوڙ جي ڪافين مان هڪ ڪافيءَ جو مثال ڏجي ٿو. مثال ۾ انڊرلائين ٿيل لفظ قافيا آهن، جيڪي بند جي پوئين ٻن مصرعن سان هم قافيا ٿين.

ٿل: جيڏيون ڪارڻ جن، مان ڦال ٿي پايان،
اڳڻ آيا، اڄ اهيئي.
مليا پنھ مرادون من جون،
طرحين ڳليون تاڪيون تن جون،
تڏهن ماڪي تن تورا لايا.
سانگ سجايا، تيم سيئي...الخ(15)

بيدل سائين وٽ هن جو مثال هن طرح ملي ٿو:

ٿل: ناميان ٻسھرو نينھن جو، ندرو هئج نروار ميان،
عرش ۾ آواز تنھنجو، هت ٿئين اظهار ميان.
بند: غافل نہ آهين غير تون،
ڏسي شان شاهي پنھنجو،
ٿيءُ بره سان بيدار ميان،
ڇڏ عبديت اوتار ميان...الخ(16)

بند جون پهريون ٻہ مصرعون پاڻ ۾ هم قافيہ ٿين، باقي ٻہ مصرعون ٿل سان ساڳئي سٽاءَ ۽ ٽيڪنڪ جيان هم قافيہ ٿين، جيئن بند ۾ انڊرلائين ڏنل لفظ آهن.

اهڙيءَ طرح معلوم ٿيو، تہ ڪافي گو شاعرن ڪافيءَ تي تمام گهڻا تجربا ڪيا آهن. ڪافيءَ جي فني سٽاءَ بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو، تہ: ”هيئت جي مدنظر ڪافي جو جائزو وٺبو تہ هيءَ صنف هڪ مڪمل صنف آهي ۽

ان جا ڪيترائي قسم آهن. ڪافيون خاص طور يڪيون، ٻڍيون، ٻہ تڪيون، ٽي تڪيون ۽ چوٿاريون ٿين ٿيون. ڪيتريون مسدس ۽ مثمن ڪافيون بہ آهن. ڪافيءَ جي وزن تي هن کان اڳ گهڻ لکيو ويو آهي. ڇند ۽ عروض وانگر ڪافيءَ جي وزن جو تفصيلي جائزو نہ ورتو ويو آهي.“(17)

ميان صاحبڏنو فاروقي کان پوءِ سچل سرمست ڪافيءَ کي وڏي وسعت ڏني، جنهن ڪافيءَ جي فن ۾ بي انداز تجربا ڪيا، ۽ ڪافيءَ ۾ رنگيني پيدا ڪئي، اندازًا ويهن کان بہ وڌيڪ قسم سچل سرمست جي ڪلام ۾ ملن ٿا. انهيءَ بنياد تي سندس تخليقي قوت کي ڏسي شاعري ۽ فنڪاري کي ڏسي کيس عظيم شاعر مڃٹو پوي ٿو. نہ صرف ڇند وديا پر عروض جي ايڪن ۾ بہ اٽڪايون آهن.

هن کان اڳ شاهہ لطيف جي دؤر جو شاعر خليل لاشاري (جيڪو گهوٽڪيءَ جو وينل هو)، جي ڪافي ملي آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو، تہ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ هيءَ صنف اتر سنڌ ۾ عام جام هئي، سچل، بيدل ۽ خليل لاشاري جو واسطو اتر سنڌ سان آهي. جنهن ڪري چئي سگهجي ٿو، تہ اتر سنڌ ۾ ئي هن صنف کي وجود ۾ آندو ويو هوندو. بيدل روهڙي واري بہ ڪافيءَ ۾ وڌيڪ رنگيني، رواني ۽ پختگي آندي. جنهن جو ديوان، ”ديوان بيدل“ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي، جنهن کي عطا حسين شاهہ موسوي مرتب ڪيو هو. بيدل کان پوءِ جيڪي بہ شاعر اچن ٿا انهن بيدل جي

تتبع ڪئي آهي، انهن مان بيڪس، شاهه نصير، خوش خير محمد، عثمان سانگي، چتو، عيسو فقير وغيره اچي وڃن ٿا.

عيسو فقير ٻه اتر سنڌ جو هو، جيڪو ڪافيءَ جو قلندر شاعر هو، جنهن جو رسالو راقم الحروف مرتب ڪيو آهي، مصري شاهه ڪافيءَ جو بادشاهه ليکيو وڃي ٿو، ته سچل سرمست شهنشاهه آهي. انهن کان بيدل سائين، ٻيدل فقير، چيزل شاهه، رکيل شاهه، فيض درياء شاهه، داتا ولايت شاهه، صوفي صادق فقير، روحل فقير، حمل فقير، مراد فقير، فقير غلام علي، دريا خان، خليفو ڪرم الله ۽ پير محمد اشرف وغيره.

شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ صوفيانه شاعري جو رنگ رچايو آهي. سنڌ ۾ ڪافي جي صنف شاعريءَ تي اڪثر وَ بيشتر شاعرن دل کولي بيان ڪيو آهي. جنهن کي موسيقيءَ جي اصولن مطابق ڳايو وڄايو وڃي ٿو. هن صنف جي مزي ۾ ميناڄ، سنگيت ۽ سُر تار، ڪلام جي فني ڪردار کي حقيقي جاذبيت جو رنگ بخشيو.

ڪافي گو شاعرن پنهنجي فهم ۽ فڪر کي نرالي انداز سان پيش ڪيو آهي. اهم مقصد سندن حقيقي جذبات کي نروار ڪرڻ لاءِ نهايت موزون هو.

ڪافيءَ جي صنف شاعريءَ ۾ تصوف جي تجلين کي نمايان جڳهه ڏني ويئي، جنهن ڪري صوفي بزرگ جي عارفانه ڪلام جي صوفيانه شاعريءَ جي نسبت سڏيو ويو. علم موسيقي جي دائري اختيار ۾ اهي سب ڳالهيون آسانيءَ سان سمائجي وڃن ٿيون، پر ڪافيءَ جو دائرو اجان ٻه وڏيڪ

وسعت رکي ٿو. جنهن جي ڪرداري پهلوءَ ۾ مضمون ۽ موضوع ۾ تصوف جي باريڪ نڪتن جي شرح بيان ڪئي وڃي ٿي. اهو منصوري نعرو، وحدت الوجود (همه اوست) جي اعتراف ۾ ”من عرف نفسه فقد عرف ربهٗ“ جي تصديق ۾ پنهنجي عبديت کي ظاهر ڪري ٿو. خواجه فريد عطار جي ڏنل سبق جو همه گير آواز آهي. انهن وڏڙن صوفي بزرگن جي راهه راست تي نقش قدم تي هلڻ ۾ نه فقط فخر محسوس ڪرڻ لڳا پر مخفي رازن تان به پردا لاهي حقيقت کي نروار ڪيو ويو.

مٿي ذڪر ڪيل انهن ڪامل بزرگن، عارفن پنهنجي قلبي بصيرت ۽ نوراني فضيلت جي دل کولي بيان ڪيو آهي. پنهنجي صوفيانه صداقت جو اظهار ڪري سڀ ڪنهن مخالفت کي ختم ڪري ڇڏيو. جتي ظاهري علومت وارا عالم به ڪين قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ويا.

هن دؤر ۾ اڪثر سنڌي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ فارسيت کان پاسيرو ٿي سنڌيت کي تقويت ڏني. لساني فلسفه کي ڏسڻ سان يقين ٿي ويندو ته سنڌي شاعرن فارسي جي بنسبت سنڌي ڪلام ۾ دلڪشي ۽ رنگيني پيدا ڪئي. اهڙن شاعرن ۾ شاهه لطيف ۽ سچل سرمست کان وٺي بيدل سائين تائين هڪ وڏو تسلسل ۽ ڳانڍاپو آهي.

ڪافيءَ جي قسمن جا ڳھاڙيٽا:

(1) ڪافي هيڪوٽي/ هڪ تڪي/ هڪ ٽپي: هن جا پنج ڳھاڙيٽا آهن.

(2) ڪافي ڏيڍي: هن جا چوڏهن گهاڙيٽا آهن.
(3) ڪافي ٻيٽي: هن جا ڇهه گهاڙيٽا ٽين ٽا.
(4) ڪافي ٻيٽي ڏيڍي: هن جا ٻه گهاڙيٽا آهن.
(5) ڪافي ٽيٽي: هن جا ٻه گهاڙيٽا آهن.
(6) ڪافي چؤٽي: هن جا ڇهه گهاڙيٽا آهن.
(7) ڪافي پنجوٽي: هن جا پنج گهاڙيٽا آهن.
(8) ڪافي ڇهوٽي: هن جو هڪ ئي گهاڙيٽو آهي.
(9) ڪافي ستوٽي: هن جو هڪ ئي گهاڙيٽو آهي.
(10) ڪافي اٺوٽي: هن جو هڪ ئي گهاڙيٽو آهي.
(11) ڪافي نائوٽي: هن جو هڪ ئي گهاڙيٽو آهي.
(12) ڪافي ڏهوٽي: هن جا ٻه گهاڙيٽا ٽين ٽا پر ان ڪان مختلف ٻه لکي سگهجن ٽا.
(13) ڪافي جهولٽو: هن جا ٽي گهاڙيٽا ٽين ٽا.

ڪافيءَ جو تعلق موسيقيءَ سان تمام گهرو آهي. ڪافي آهي ئي ڳائڻ لاءِ ڇاڪاڻ ته ان جو بنياد سر ۽ ڳائڻ تي رکيل آهي. سنڌ جي سيني وڏن شاعرن جو علم موسيقيءَ ڏانهن لاڙو هجڻ جون ثابتيون سندن ڪلام جي مجموعن مان ملن ٽيون.

"سچل سائين جي ڪافي ڪمال جي درجي تي پهتل آهي. سندس ڪافين جو جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو ته اها ڳالهه مڃٽي پوندي بيشڪ هو ڪافي جو شهنشاهه آهي. سندن ڪافيون هڪ اهڙي مٺي پاڻيءَ جي چشمي مثل آهن، جتان ڪيترن ئي شاعرن اڃي اُڃ اُجهائي".(18)

کافين جي شهنشاهہ سچل سائين جي روحاني مريد حضرت قادر بخش بيدل بہ سچل سائينءَ واري واٽ ورتي ۽ ان ئي چشمي مان خوب سيراب ٿيو. بيدل سائين جي ڪافين ۾ ساڳيو ئي سوز و گداز موجود آهي، ساڳيا ئي صوفيانہ نُڪتا موجود آهن، بيدل سائين جي راڳن ۾ راڳڻين تي آڌاريل ڪافيون چيون آهن. بيدل سائيءَ جي ڪافين جو ڪُل تعداد 317 آهي، جنهن ۾ 87 سنڌي ڪافيون، چار ريختي ڪافيون ۽ 226 سرائڪي ڪافيون آهن. "ڪافي" سنڌ جي بيحد مقبول صنف آهي. جنهن ۾ تصوف جي حوالي سان سنڌ جي درگاهن مان ارتقا ٿي آهي. هن صنف ۾ روحاني رنگ رڱيل آهي، سچل سائين هن صنف کي عروج تي پهچايو ۽ بيدل سائين هن صنف ۾ فڪري توڙي فني حوالي سان بہ بلڪل نرالي تخليق ڪئي آهي. موضوع جي لحاظ کان بيدل سائين جون ڪافيون مدحيہ، مجازي، تمثيلي ۽ صوفيانٽي رنگ ۾ رڱيل آهي. بيدل سائين ڪافين جي مجموعي کي "سرود نامو" جي نالي سان لکيو. ۽ جن ۾ سر ۽ روپن جون ڪافيون شامل آهن. جيڪي روپ 19 کن آهن.

بيدل سائين قلندر لعل شهباز جو گهڻو عقيدتمند هو. پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي قلندر جي ثنا ۽ ساراهہ ڪئي آهي. بيدل سائين جي ڪافين ۾ ڪيتريون ئي فني خوبيون ملن ٿيون. انهن ۾ قافيو، قافين جو تڪرار يا قافين جا تلهہ ڏاڍا وڻندڙ آهن. سندس ڪلام ۾ صنايع ۽ بدايع جون خوبيون شامل آهن. انهن ۾ صنعت، تجنيس حرفي، لفظي

موسيقي ۽ ردم نرالو آهي. سندس ٻوليءَ جو استعمال ڪمال درجي جو ٽيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بيدل سائين کي سنڌي ٻوليءَ تي مڪمل دسترس حاصل هئي.

حوالا:

1. موسوي عبدالحسين (مرتب)- ديوان بيدل، ڇاپو چوٿون 2012، ص 155، مطبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
2. ايضًا ص 179.
3. ايضًا ص 179.
4. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر- ڪافيون (جلد پھريون) - ڇاپو پھريون 1985ع ص، 1، (مقدمو) مطبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
5. ايضًا ص، 5، 6، (مقدمو)
6. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر - سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ- ص، 90.
7. موسوي عبدالحسين- ديوان بيدل ڇاپو چوٿون 2012، ص175 مطبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
8. ايضًا ص 248.
9. ايضًا ص 249.
10. ميمڻ عبدالغفور سنڌي پروفيسر (مرتب) - فقير عثمان سانگيءَ جو ڪلام - ڇاپو پھريون 1983ع، ص: 25 مطبوعہ: منظور بڪ اسٽور شڪارپور.
11. موسوي عبدالحسين شاھ (مرتب) - ديوان بيدل - ڇاپو ٻيو 1961ع، ص: 136 مطبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

12. چانديو سرمد (مرتب) - ڪلام عثمان فقير سانگي - ڇاپو پهريون آگسٽ 2014ع، ص: 68 مطبوعہ: ڪنول پبليڪيشن قنبر.

13. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر - جوتيون جواهرن جون (چونڊ ڪافيون) - ڇاپو ٽيون جنوري 1978ع، ص: 121 مطبوعہ: عجائب اسٽور سکر.

14. موسوي سيد عبدالحسين شاهہ - ديوان بيدل ڇاپو ٽيون 1991ع ص، 119. مطلبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

15. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر - ڪافيون جلد پهريون - ڇاپو پهريون 1985ع، ص: 183 مطبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/ حيدرآباد.

16. موسوي سيد عبدالحسين شاهہ - ديوان بيدل ڇاپو ٽيون 1991ع، ص، 120. مطبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

17. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر - ڪنمال - ڇاپو پهريون 2002ع، ص: 84 مطبوعہ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

18. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر - سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ - ڇاپو پهريون 1978ع ص 69، حيدرآباد.

علم عقل جون ڳالهيون، برهه بنا برباد

حزب الله آءٌ سومرو

هن وقت دنيا ۾ تصوف کي مذهبي ماڻهو ٻه پنهنجو سمجهن ٿا. تصوف، بندن کي خدا سان ڳنڍڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. ٻئي پاسي سيڪيولر ۽ لبرل ڌريون تصوف جي اصطلاحن، خاص ٻولي يا شطيحات کي استعمال ڪندي تصوف کي خدا کان ڇني ان کي مذهب خلاف استعمال ڪن پيا. ان کي خالص دنياوي يا مادي مذهب پيا تسليم ڪرائين ۽ چون پيا ته تصوف بندي جو بندي سان سهڻو سلوڪ آهي يعني ان کي خدا جي ڏنل مذهب کان جدا ڪن پيا. حالانڪ تصوف بي خدا آهي ئي ڪونه، ۽ صوفياءِ ڪرام عقل پرست يا ماده پرست نه پر خدا پرست آهن. بيدل فقير جي حوالي کان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

تصوف ۽ عقل

عيسائيت مان/ رهبانيت يا روحانيت، هندومت مان ويدانيت ۽ اسلام مان تصوف ڦٽي نڪتا آهن. سنڌ جا مفڪر ڀٽائي، سچل، بيدل يا سامي اسلام ۽ ويدانيت سان تعلق رکن ٿا. مشهور دانشور محمد ابراهيم جوئي شاهه، سچل ساميءَ لاءِ لکيو آهي ته ”سنڌ جا هي عظيم شاعر مذهبي ماڻهو هئا (شاهه، سچل سامي - ص: 63) ٻئي هنڌ لکيو اٿائين ته: ”هڪ پاسي شاهه ۽ سچل هئا جن اسلام جي قرآن جو تفسير ۽ تعبير

سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي سماع (مسلمانن ۽ هندن ٻنهي کي) سيکارڻ ۽ سمجهائڻ لئي چاهيو ۽ ٻئي پاسي سامي هو جنهن هندو ڌرم جي ويدن جو ارٿ ۽ سمجهاڻي ساڳئي ان سنڌي سماج کي يعني هندن ۽ مسلمانن ٻنهي کي ڏيڻ گهري لئي
(شاهه، سچل سامي- ص: 29)

اسلام ۾ ايمان بنيادي حيثيت رکي ٿو. الله وٽ ايمان جي اهميت آهي. ايمان دل يا ذهن ۾ الله ۽ ان جي احڪامن تي پيدا ٿيندڙ يقين کي چئبو آهي. اسلام فقط خدائي احڪامن کي مڃڻ آهي، ان ۾ يقين ضروري نہ آهي. ائين سمجهڻ گهرجي تہ اسلام پهريون درجو آهي ايمان ٻيو ۽ ان کان مٿاهون درجو آهي، ان ۾ يقين ڪامل هوندو آهي. صوفياءِ ڪرام ايمان ڪامل کي عشق جو نالو ڏين ٿا. اهو يلي ماڻهن يا مادي شين ذريعي پيدا ٿئي ٿو ۽ مرشد ڪامل (شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت کان مڪمل واقف) جنهن کي عارف چئجي ٿو، اهو ان کي عشق حقيقيءَ ۾ تبديل ڪري ٿو. ان ۾ انسان دنيا، دنياوي شين، پنهنجي جسماني خواهشن تي ڪنٽرول ڪري فنا جي درجي تي پهچي ٿو. جيڪو ڪم، عقل ۽ فلسفي جي خلاف آهي بيدل فرمائي ٿو:

هستيءَ کي همہ اوست ۾ جنين ڪيو فاني،
تن تي عياني، اڃي لئي اثبات جي.

(ديوان بيدل- ص: 81)

صوفي چائين پاڻ کي وجي پاڻ وڃاءِ
اثباتيءَ جي آءِ، نيهيءَ خبر "ناهہ" ۾

(ديوان بيدل- ص: 93)

آءٌ يـي هيـڙس عقـل واري، نيـنهن نهـوڙي نيـوڙي جيـڏيون،
اکيـون اڙايـم، هـوش گنـوايم، مـن مـستانو ٿيـوڙي جيـڏيون.

(ديوان بيدل- ص: 132)

اونهو سر احديت وارو، سمجهي ڪير سگهي؟
جاءِ نہ عقل دليل جي، عاشق! ڪاهِ اڳي.

(ديوان بيدل- ص: 143)

عقل ۽ عشق

عقل ماڻهوءَ کي دنيا پرستي، ماده پرستي، هوس پرستي، مفاد پرستي، بي وفائي ۽ غداري سيکاري ٿو. عقل ئي برائيءَ جي جڙ آهي. عقل ئي وڏائي جو ڏس ڏئي ٿو. عقل انسان مان انسانيت ڪڍي ڇڏي ٿو. جن ماڻهو ماريا، اينم بم وسايا، جن معاشي پابنديون هڻي انسانيت کي تڙپايو، سي بي عقل نہ هئا، وڏا پڙهيل لکيل هئا پر جن پنهنجي جان، ايمان، نظريہ، ملڪ ۽ قوم تان قربان ڪئي تن ظاهر ۾ تہ پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃايو، اگر آخرت ۾ ايمان نہ هجي. تہ انسان هڪ ييرو ملندڙ حياتي وڃائي ٿو تہ کيس ڇا مليو؟ جن ماڻهن پنهنجو مال، پنهنجي دولت ماڻهن تي لٽائي ڇڏي، پنهنجو وقت ۽ محنت انساني خدمتن ۾ صرف ڪيا، آخرت ۾ بدلي ملڻ تي ايمان نہ هجي تہ کين ڇا مليو؟ عقل تہ سيکاري ٿو يا عقل جي اها تقاضا آهي تہ ماڻهو پنهنجي جان مال قربان ڪري تہ ڇو ڪري؟ پر جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سان ئي عشق ٿئي ٿو تہ هو ان حالت ۾ اچي وڃي ٿو جو جان، مال ۽ عزت

محبوب خاطر قربان ڪري ڇڏي ٿو. جڏهن سندس عشق فرد ڪان چڙهي، قوم، ملڪ، نظريي يا خدا سان ٿي وڃي ٿو ته هو انهن لاءِ به پنهنجي جان مال قربان ڪري ٿو. صوفياءِ ڪرام ان کي اَلۡمَجَازَ قَنۡطَرَةُ اِلَي الۡحَقِيۡقَتِ يعني عام دنياوي وجودن سان پيار حقيقي وجود باري تعاليٰ تائين پهچائي ٿو.

مطلب ته جڏهن ماڻهو پنهنجي جان مال ڪنهن جي محبت ۾ قربان ڪري ٿو، تڏهن عقل هارائي ٿو ۽ عشق کٽي ٿو. بيدل فقير فرمائي ٿو:

عقل جو ويو اختيار، عشق "اناالحق" جو دم ماريو،
عشق عقل جي آ لڳي لڙائي، عشق کٽي، جنگ عقل هارائي،
هيڪل هو هسوار، ڪيڏي ڪٽڪ کي برھ ڀڄايو.

(ديوان بيدل- ص: 136)

علم ۽ عشق

دنياوي علم جيڪڏهن عرفان (خدائي احڪامن) ڪان رهنمائي نه ورتي ته اهو عقل جي تابع ٿي ساڳيون عقل واريون تباهيون ڪندو ۽ ان طرح اهو عشق يا ايمان جو ضد ٿي اُڀرندو. اهو ئي سبب آهي جو صوفياءِ ڪرام اهڙي علم جي مخالفت ڪئي آهي. علم بي خدا جا هو مخالف رهيا آهن. بيدل فقير فرمائي ٿو ته:

ڀيون سڀ علم عقل جون ڳالهيون، برھ بنا برباد،
نُڪتي "نانهن" جو روز ازل ڪئون، عشق آهي استاد.

(ديوان بيدل- ص: 115)

پٽائي، سچل ۽ بيدل جي دؤر ۾ دنياوي علم واري کي "ملا" چيو ويندو هو. ملا جي معنيٰ ئي آهي پڙهيو لکيو. ظاهري علمن جو استاد.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "ملا" جي معنيٰ لکي ٿو ته:

ملا/ ملان: عالم - فاضل شخص، عزت وارو خطاب، مسجد جو پيش امام، ٻارن کي مسجد يا مڪتب ۾ پڙهائيندڙ معلم (سنڌي لغت- ص: 637)

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي موجب:

"ملا: ظاهري علم جو ڄاڻو."

(سچل لغات- ص: 166)

ڊاڪٽر بدر ڏامراهو "ملا" جي معنيٰ لکي ٿو:

ملا: استاد، عالم، معلم، زماني جي علم وارو.

(لغات سچل سرمست- ص: 524)

ان ڪري "ملا" هڪ علامت آهي ظاهري علم جي، جنهن ۾ خدائي عرفان نه آهي. منصوري تصوف ۾ "عشق" خدا جي علامت آهي جيڪو فنا في الله هيو. ٿئين علامت ملنگ يا موالي (نشو ڪندڙ) آهي جيڪو ملا (پڙهي لکي) جو ضد آهي هو نشي ۾ عقل جي پويان نه لڳندو آهي ان ڪري تصوف ۾ ملنگ يا مواليءَ کي عشق الاهي ۾ مدهوش يا غرق ٿيل جي معنيٰ يا علامت ۾ سمجهيو وڃي ٿو جيئن شراب يا مَدُ کي به عشق الاهيءَ جي علامت طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. بيدل عشق (عرفان الاهيءَ) جو ماڻهو هجڻ ڪري بي خدا علم يا

علم وارن (ملا) جي مخالفت ۾ هو منصور يا ملنگ (الاهي عشق) جي حمايت ڪري ٿو:

اندر آڪيرو ڪيو، سپريان جي سور
وحدت سندي واس ڪئون ملا ٿيا منصور

(ديوان بيدل- ص: 117)

علم ۽ عقل ڪئون ٿيءُ پري، سڪ سوز جي صلاح ڪر.
خلعت خدائيءَ جي ڍڪي، سرِ قرب جي ڪُلاهه ڪر.

(ديوان بيدل- ص: 117)

هستي جي مرض، والله شوق شافي،
من سان مناظرو ڪر، ڇڏ منفي ۽ نافي.

(ديوان بيدل- ص: 144)

ايڪائي ايڪ ٿيو، بيرنگي ۽ رنگ،
وحدت ۾ زائل ٿيو، دوئيءَ جو زنگ،
ملا ۽ ملنگ، حقيقت ۾ هيڪ ٿيا.

(ديوان بيدل- ص: 82)

عقل ۽ دانائي

صوفياءِ ڪرام بي خدا عقل بجاءِ با خدا عقل جا قائل آهن. با خدا عقل کي هو عرفان يا دانائي (ڏاهپ، سياڻپ) جو نالو ڏين ٿا. اهو هو "پاڻ سڃاڻڻ" جي فلسفي تحت سمجهائين ٿا ته انسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي يا هو ڪير آهي؟ هن کي ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن.؟

سياڻو ماڻهو پاڻ کي سڃاڻيندو آهي ته پنهنجي خالق کي به سڃاڻي وٺي ٿو. بيدل فقير فرمائي ٿو ته:

ملن ۾ منصور جو جهيڙو، وحدت ڪيو ويران،
هيڏانهن هوڏانهن پاڻ، هو جاهل يا عرفان.
(ديوان بيدل- ص: 129)

هر طرف ساجن تو وسي، هستي ڇڏي هوشيار ٿيءُ
دانهَہ! دوئيءَ ڪي وجُهہ ڏسي، پاڻئون پڄي بيزار ٿيءُ.
(ديوان بيدل- ص:139)

ماخذ:

1. ديوان بيدل- سيد عبدالحسين شاهہ موسوي، 1991ع- سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
2. شاهہ، سچل، سامي- محمد ابراهيم جويو-1997ع- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
3. سنڌي لغت- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- 2006ع- سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد.
4. سچل لغات- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو- 1984ع- سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور.
5. لغات سچل سرمست- ڊاڪٽر بدر ڌامراهو-2017ع- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.

قادر بخش بيدل رحہ جو فڪري پيغام

پروفيسر منظور بيدار

بزرگ، شاعر، عالم پنهنجي دؤر جي ڏاهي، صوفي، دانشور حضرت قادر بخش بيدل رحہ جي فڪري پيغام جو جڏهن موجوده ماديت سان ڀرپور دؤر ۾ جائزو ٿو وٺجي تہ اهو راز آشڪار ٿو ٿئي تہ فڪر بيدل رحہ ۾ انسانذات ڪي زندگيءَ جي انيڪ رخن، پاسن ۽ ڏسائن جو احسن فڪري پيغام ڏنل آهي. بيدل سائين صوفيائي روايتن جي راهہ تي هلندڙ پنهنجي دؤر جو هڪ اعليٰ پائي جو يگانو صوفي منش شاعر آهي، جنهن صاحب جي قادرالڪلام شاعري سنڌي قوم وٽ سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ هندي ٻولين ۾ موجود آهي. پنهنجي نظر توڙي نظم ۾ ڪيل پورهئي سبب بيدل سائين وحدت الوجود ۽ همہ اوست نظريي جو داعي نظر اچي ٿو.

هر وڏو شاعر پنهنجي دؤر کان اڳ واري دؤر جي شاعرن، بزرگن، عالمن، صوفي فيلسوفن ۽ سماجي ڏاهن جي فن ۽ فڪر جو اثر ضرور وٺندو آهي، چو تہ ماضي بعيد توڙي ماضي قريب، توڙي حال جي اهل فڪر ذهين انسانن کان متاثر ٿيڻ، انهن جو اثر وٺڻ هڪ فطري عمل آهي. جنهن سبب قابل فخر شاعر سائين قادر بخش بيدل رحہ پڻ پنهنجي دؤر جي وڏي شاعر سچل سرمست رحہ کان فڪري طور متاثر نظر اچن ٿا. جنهن وقت سچل سائين هن فاني بي بقا دنيا مان

دائمي دنيا ڏانهن پرواز ڪري ويا هئا تہ ان وقت بيدل سائينءَ جي عمر 14 ورهيہ هئي. ساڳئي ريت جڏهن سماج ۽ انسان دشمن قوتن شاهہ عنايت رحہ کي شهيد ڪيو هو تہ ان وقت شاهہ لطيف رحہ جي عمر 17 سال هئي. انهن واقعن جو اثر بيدل سائين توڙي شاهہ لطيف جي فڪر ۾ موجزن آهي. سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل دؤر کان وٺي بيدل سائين جي دؤر توڙي موجوده دؤر تائين سيني شاعرن حق جي تلاش، انسانذات سان اڻ ميي پيار، هن دنيا جي ناپائيداريءَ جو ذڪر هميشہ پئي ڪيو آهي.

بيدل سائين ماضيءَ جي روايتن کي نيائيندي جيڪا نئين ڳالهہ پنهنجي نقطہ نظر سان ڪئي آهي سا اڄ جي جديد دؤر جي سائنسي نتيجن تي آڌاريل آهي. انساني نفسيات کي فوڪس ڪندي نفسيات جي ماهرن انسان جي سڪون، سهنجائي يا ڏکن ڏولاون مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ انسان جي اندر جي دنيا تي غور ڪرڻ ۽ پنهنجي اهميت سمجهڻ تي زور ڏنو آهي، جنهن ۾ ئي انسان جو ذهني سڪون موجود آهي، نفسياتي ماهرن اهي دڳ، رستا هينئر ڳولي لڌا آهن پر بيدل سائين اهو داخليت جي تلاش ۽ انسان جي نرواڻ جو رستو هن ريت پنهنجي ڪلام ذريعي پڌرو ڪيو هو.

ڳولا ڪرين جنهن جي، سوئي تون سلطان
پيهي پس تون پاڻ ۾، پنهنجي سونهن سڃاڻ
ناحق ٿيو نادان، ليئا وجهين لوڪ ۾.

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، وحدت نامون- بيت-122 ص-127)

بيدل سائينءَ جي هن شعر ۾ صدين جو فڪر سمايل آهي، جنهن ۾ انساني جبلت جي ان راز جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ته جيستائين انسان پنهنجي وجود ۾ پنهنجي پاڻ کي نه ٿو پسي، پنهنجي اندر جي سونهن، ڏاهپ جيسين مٿس نروار نٿي ٿئي ڪيس اها خبر ته ڏهن پوندي جڏهن انسان بيدل سائينءَ جي هن شعر ۾ بيان ڪيل فلسفي کي پروڙي نه ٿو تيستائين ڪيس اها خبر ئي نه پوندي ته هو هن ڪائنات جي خلقڻهار جي "ڪُل" (Whole يا Infinite) جو جزو آهي، انسان جي جيوت، انسان جي مقصد ۽ هن دنيا ۾ اچڻ جو راز مٿس تڏهن عيان ٿيندو جڏهن هو پنهنجي سونهن سڃاڻيندو ۽ مٿس ان فڪر جي خوبصورتيءَ جو راز تڏهن ئي سلبو جڏهن هو ان عظمت کي ڳولي لهندو ته فرشتن کي ڇو آدم عہ کي سجدي لاءِ حڪم ڪيو ويو هو. بيدل سائين جي هن فڪري سگهاري پيغام ۾ پاڻ کي سڃاڻڻ جو جيڪو نياپو ڏنو ويو آهي ان نياپي ۾ ئي سماج کي بدلائڻ، انياء کي مٽائڻ ۽ هڪ سهڻو جهان جوڙڻ جو خيال موجود آهي.

قادر بخش بيدل رحہ پڻ هڪ وسيع مطالعو رکندڙ انسان هئا. سندن مطالعي هيٺ سڄي انساني تاريخ گذريل هئي ۽ ان جي جهلڪ سندن هڪ ڪافيءَ مان ظاهر ٿئي ٿي. سڄي مڪمل ڪافي هت بيان ڪرڻ ممڪن ناهي بس ڪجهه

بند پيش ڪريان ٿو، جنهن ۾ بيدل سائين خلقٺهار سان مخاطب ٿيندي فرمائن ٿا:

آدم نو عتاب ڏيوايؤ، اس نون زورا زور رُوايو.
ڪِس نون طور طوفان ويڪايوءِ، ڪِس نون اگن ستايو ئي
نال يعقوب ڪيا ڪيتوءِ آخر، يوسف مُلھ وڇايوءِ بازر
يونس نون گهَتِ مڇيءَ اندر، سبحانڪ پڙهايوئي
ذڪريا نون روزو رڪايوءِ، مر يحيىٰ معصوم ڪهايوءِ
ڪڏا ايوب نون ڪرم پچايوءِ، ڪيڏا جرجيس جلايوئي
بيدل نال تو لائي ياري، شڪر ڪريندا سؤ سؤ واري
منگدا تو ڪنون مددڪاري، شهنشاھ سڏايوئي

بيدل سائين جي ڪلام جو جڏهن باريڪ بينيءَ سان پيهي وڃ پاتال جيان مطالعو ڪجي ٿو ته سندس شعر جي ڪهڪشان ۾ هر پاسي هيرا، لعل موتي جواهر پکڙيل آهن، جن کي هٿيڪو ڪري اهڙين ادبي ڪانفرنسين وسيلي سنڌ جي عالمن، اڪابرن جي قلم سان اهڙي دنيا تعمير ڪجي جنهن ۾ بيدل سائينءَ جي فڪر ۽ فلسفي جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي تناظر ۾ صحيح معنيٰ ۾ حق ادا ڪري سگهجي.

بيدل سائين پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي دؤر جي انساني نفسياتي روين ۽ ذهني لاڙن جو تمام سنجيدگي سان

جائزو وٺڻ کانپوءِ ان نتيجي تي پهتل نظر اچن ٿا جو Straight for ward تي فرمائين ٿا.

جوئي آهيان، سوئي آهيان، پول نہ ٻيو ڪو پانيان

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي-ڪافي 49، روپ بلاولي ص-166)

معزز سامعين ۽ قارئين موجوده جديد دنيا اڄ جنهن هنڌ اوج جون منزلون طئي ڪري پهتي آهي، ان اوج ماديت تي مبني شين جو وجود تہ وڌو اجگر ڪري ڇڏيو آهي پر انسان جي اندر جي دنيا جو وجود سڪڙجي ڄامڙيپٽي جو شڪار ٿي ويو آهي ۽ پنهنجو اصل، پنهنجي روحاني خوشي وڃائي مصنوعيت پڻ جو شڪار بڻجي ويو.

تڏهن تہ سچل سائين ۽ بيدل سائين اسان کي پيغام ڏئي ٿو "جوئي آهيان، سوئي آهيان".

بيدل سائينءَ جي سموري پيغام کي جيڪڏهن وقت جي نزاڪت کي ڏسندي ۽ ڪوزي ۾ درياءَ مصداق بيان ڪجي تہ منهنجي راءِ ۾ سائين قادر بخش بيدل سرڪار جو سمورو ڪلام حق جي نعري، رندي خيالن،م منصوري مامن، روحاني رازن، حق موجود، سدا موجود، ديس سان عشق، همہ اوست، انسانذات جي احترام، هر قسم جي گروهي تفاوتن کي ختم ڪرڻ، انسان کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، خالق ڪائنات آڏو عاجزي مڃڻ، ساڻس لامحدود پيار ڪرڻ، تخريبي سوچ کان ڪوهين ڏور پڄڻ ۽ تعميري سوچ جي ڏگ تي هلڻ، انساني اُمنگن جو قدر ڪرڻ ۽ انسان جي داخلي، خارجي

سونهن کي اصل ذات باري تعاليٰ جو محرڪ سمجهڻ ئي بيدل سائينءَ جي لافاني ڪلام جو تت آهي.

نوٽ: مان ناچيز ڪمزور ترين انسان پنهنجي مضمون کي پورو ڪندي بيدل سائين ۽ بيڪس سائينءَ کي اها ڏانهن ضرور ڏيڻ آيو آهيان ته گذريل ٽيهن سالن کان اسلاميه آرٽس ڪامرس ڪاليج سکر ۾ مان سنڌي ڊپارٽمينٽ جيَ چيئرمين طور هڪ اديب، شاعر ۽ ادب جي استاد طور ٽي ڪتاب شايع ٿيڻ باوجود پنهنجن ٻين استادن، شاگردن سميت هميشه ”بيدل يادگار ڪاميٽي“ ڏانهن نهاريندو رهيس، انتظار ڪندو رهيس ته بيدل يادگار ڪاميٽي وارا سکر جي سيني ڪاليجن جي استادن، شاگردن ڏانهن پڻ بيدل سائينءَ جي عرس مبارڪ جو ڪارڊ ضرور موڪليندا پر انهن انسانن سان پيار ڪندڙ صوفياڻي صاف پيچري تي هلندڙ بيدل سائينءَ جي محبت، پيار سيني کي ڳنڍڻ جي فلسفي جي نفي ڪندي ڪڏهن به ڪو ڪارڊ نه موڪليو، ڪڏهن به ڪا فون نه ڪئي. عرس جي پڄاڻيءَ کان پوءِ ادبي ڪانفرنسن ۾ پڙهيل مقالن ۽ شاعريءَ تي مشتمل ڪوبه هڪ پرچو نه موڪليو ويو. جڏهن ته هيل تائين 30 ڪتاب ڇپجي چُڪا هوندا. بيدل يادگار ڪاميٽي پاران بيدل سائينءَ جو شاهڪار بيدل جو رسالو شايع ڪرايو ويو، بيڪس سائينءَ جو ڪلام شايع ڪرايو ويو، پر نه موڪليو ويو. جڏهن ته انهن لافاني علمي ذخيرن جي اصل جاءِ، اصل هنڌ، تعليمي ادارن جون لائبريريون هجن ٿيون، پر الائي ڇو بيدل يادگار ڪاميٽي پاران اهڙي اهم ڪم کي نظر

انداز ڪيو ويو. جڏهن تہ اهي ڪتاب مسلسل 30 سال سرڪار جي پئسن سان ڇپبا رهيا ۽ سکر روهڙيءَ جا ادارا بہ سرڪار جا ئي آهن، پر انهن ادارن کي ڪا اهميت نہ ڏئي استادن جي ۽ شاگردن جي دل آزاري ڪئي وئي ۽ مان سمجهان ٿو تہ ان عمل سان بيدل سائين توڙي بيڪس سائينءَ جي بہ دل آزاري ٿي هوندي، ڇو تہ هي بزرگ انسانن کي ڳنڍڻ جو درس ڏين ٿا، پر هن ڀيري بيدل يادگار ڪميٽي جو مان شڪرگذار آهيان جن مون کي دعوت ڏني آهي.

قادر بخش بيدل جي صوفي فڪر جو تنوير عباسي تي اثر

ڊاڪٽر انور پرديسي

عبدالقادر المعروف قادر بخش ”بيدل“ وصال (1231 هجري مطابق 1815ع ۾ وفات، 1289 هجري مطابق 1873ع) بيدل جو دؤر علمي، ادبي ۽ روحاني لحاظ کان نهايت زرخيز ۽ ترقي يافته هو. ڪوبه سچو ليکڪ پنهنجي همعصر اديبن، ڏاهن ۽ عالمن جي فڪري اثر کان پاڻ کي بچائي نه ٿو سگهي، اهڙو ئي حال بيدل سان به آهي. بيدل پنهنجي تربيت جي حوالي سان نهايت ڀاڳ وارو عالم آهي، جنهن کي پنهنجي ديني فڪري ۽ روحاني مسلڪن جي نهايت اعلىٰ عالمن کان فيضيابيءَ جو موقعو مليو. ظاهري طور تي سندس ڪلام ۽ زندگي تي سيد مير جان الله شاه ثاني جو اثر هو ۽ باطني فيض حضرت قلندر لعل شهباز رحه، حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست وٽان حاصل ڪيائون. هونءَ به روهڙي شهر کي وڏي تاريخي حيثيت حاصل آهي. هڪ اندازي مطابق هن شهر ۾ سوا لک اوليائن، عارفن ۽ عشاقن جا اوتارا آهن. انهيءَ لحاظ کان علم ۽ عرفان جون ڪيتريون ئي نديون، هن ئي شهر مان ڦٽي نڪتيون آهن. 945ع کان وٺي 711ع تائين هي علائقو سنڌ جي تخت گاه واري حيثيت ۾ به رهي چُڪو آهي. ڊاڪٽر نواز علي شوق لکي ٿو ته: ”روهڙي

سنڌ جو اهو شهر آهي، جيڪو نہ فقط تاريخي لحاظ کان اهم آهي پر روحاني لحاظ کان پڻ وڏي اهميت رکي ٿو. مٺي مرسل صلي الله عليہ وسلم جي وار مبارڪ جي زيارت، صوفي سونهارن جون مزارون ۽ درويشن جون درگاهون، عاشقن جا اوتارا ۽ قدرتي نظارا، هي شهر جنت جو ڄڻ هڪ حصو آهي." (1)

تصوف سنڌ جي مٽيءَ جي خمير ۾ شامل آهي. صوفي فڪر جي شاعرن ان مٽيءَ جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ کي پنهنجي پنهنجي نظرين پٽاندڙ تاويل ۽ تشريح ڪئي آهي. سنڌ جي اڪثر صوفي شاعرن سماج ۾ رائج غلط لاڙن ۽ قدرن کي هميشہ نِنديو آهي. هنن ترقي پسند لاڙا ۽ خيال سماج جي نئين سر اڏاوت لاءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ صديون اڳ ڪتب آندا آهن. انهن صوفي شاعرن منجهان حضرت قادر بخش بيدل پنهنجي سرمستي ۽ بيباڪيءَ ڪري متاهين درجي تي نظر اچي ٿو. بيدل سائين ڪيترن زبانن ۾ شاعري ڪئي آهي. انهن ٻولين جي شاعريءَ ۾ تصوف جي فڪر کي بيدل سائين وڏي اهميت ۽ جاءِ ڏني آهي. ڇاڪاڻ جو برِ صغير ۽ هند جي ڌرتي تصوفي فڪر جي آبياري ڪئي آهي. هتان جي بزرگن پنهنجي خيالن کي تصوف جي رنگ ۾ رنگي پيش ڪيو آهي، اهو ئي سبب آهي، جو هنن جي فڪر جي اڏام ڪيترن ٻين ٻولين جي شاعرن کي متاثر ڪيو آهي. ڳالهہ جو ڏيهہ اتي بيهي نہ ٿو رهي، پر اڄ تائين جيڪي بہ شاعر پيدا ٿيا آهن،

انهن تي سنڌ جي شعراءِ ڪرام جي فڪر جو گهرو اثر معلوم ٿئي ٿو.

بيدل سائين جي سنڌي شاعريءَ جو گهڻو اثر سنڌ جي ڪيترن شاعرن تي نمايان نظر اچي ٿو. بيدل سائين جو دؤر سياسي حوالي سان پُرآشوب دؤر رهيو آهي پر علم ۽ سخن جو به هن دؤر ۾ خاصو چرچو نظر اچي پيو. ان جو سبب هي به آهي ته ان وقت جا ٽالپر حڪمران پاڻ به سخن پرور هئا. فارسي سرڪاري زبان هوندي به ٻين ٻولين جي به ان دؤر ۾ وڏي اهميت هئي. فارسي، سنڌي ۽ اردو سان گڏوگڏ سرائيڪي زبان به هر جاءِ تي ڳالهائي ويندي هئي، جنهن جو وڏو سبب حڪمران طبقي جي پنهنجي مادري زبان سرائيڪي هئي. توڙي جو ٽالپر حڪمرانن سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي حڪومت ڪئي، جنهن سان سنڌ جي مرڪزي حيثيت متاثر ٿي، تنهن هوندي به ٽالپرن پاڻ به فارسي، سنڌي ۽ سرائيڪي زبان ۾ شاعري ڪئي. بيدل سائين بخوبي اهو ڄاڻي پيو ته پنهنجي فڪر کي ٻين ٻولين ۾ به بيان ڪجي، جيئن انهن ٻوليون ڳالهائيندڙن تائين سنڌ جي ماڻهن جو امن، ڀائيچاري ۽ تصوفي فڪر وارو تصور پهچي، جنهن جي نتيجي ۾ بيدل سائين سنڌي ٻوليءَ سان گڏ سرائيڪي، فارسي ٻوليءَ ۾ به شاعري ڪئي. ان جو وڏو سبب هڪ ته حڪمرانن سان تعلق جڙي، ٻيو ته اسان جي پاڙيسري رياست بهاول پور ۾ به اها ٻولي سوز و گداز سان موجود هئي. رياست بهاول پور جو هڪ وڏو حصو ان ٻولي ڳالهائيندڙن

جو آهي. جيڪا اڄ تائين موجود آهي، جنهن سان اسان جو فڪري، تهذيبي ۽ ثقافتي لاڳاپا رهندا پيا اچن. بيدل سائين انهن فڪري لاڳاپن کي به پنهنجي شاعريءَ وسيلي مضبوط ڪرڻ پئي چاهيو، جنهن جي نتيجي ۾ بيدل سرائيڪي زبان ۾ شاعري ڪري سرائيڪي ٻوليءَ کي امر ڪري ڇڏيو آهي. ان وقت کان وٺي اڄ تائين بيدل سائين سنڌي شاعريءَ سان گڏ سرائيڪي ٻوليءَ جي قادرالڪلام شاعر جي حيثيت ۾ موجود آهي.

صوفيءَ لاءِ اهو ضروري آهي ته هو پنهنجي من تن کي آئيني وانگر هميشه صاف ۽ شفاف رکي، جيئن هو پنهنجي ئي اندر ۾ الله جو، جُو جلوو پسي سگهي. ان منزل کي ماڻڻ لاءِ ٽن درجن جي ماڳن مان گذرڻو پوندو. اُهي آهن: شريعت، طريقت، معرفت، انهن پيچرن مان گذري ئي هڪ سالڪ صوفي لا ڪوفي جي منزل تي رسندو. ڪن محققن ۽ عالمن جو چوڻ آهي ته ان منزل تي رسائيءَ جا ٽي ڏاڪا ٻيا به آهن، جن مان پهرين اثبات، ٻيو نفي، ٽيون وري اثبات، انهن ڏاڪن تان گذرندو تن کي تسيا ڏيندو سالڪ سچو، صوفي باصفا جو درجو ماڻي ٿو. مشرق ۾ تصوف جي فڪر جا به مرڪز آهن، هڪڙا عقيدي جا پختا صوفي جيڪي پڪا مذهبي ۽ اعتقاد رکڻ وارا آهن. جن جو اڳواڻ امام غزالي رحه آهي، جيڪي مذهب جي ظاهر کي به اهميت ڏين ٿا ته شريعت ۽ طريقت کي به پنهنجو نصب العين سمجهن ٿا. امام غزالي جي ان نظريي جي پيروڪارن ۾ علي بن عثمان هجويري عرف داتا گنج

بخش رحہ ۽ معين الدين چشتي اجميري رحہ آهن، جيڪي ٻئي مڪتب هم خيال وارا آهن، هي مذهبي تنگ نظري کان ڪوهين ڏور آهن، ٻيا اهي، جيڪي مذهب جي ظاهر کان باطن ڏي جهڪاءُ رکن ٿا ۽ جيڪي وحدت الوجودي فڪر سان سلهاڙيل آهن. جن تي هند آريائي ويدانتي فڪر جو اثر به نمايان نظر اچي ٿو. هن فڪر جو باني حضرت بايزيد بسطامي آهي، جنهن جي خيال ۽ فڪر تي ويدن، اپنشدن ۽ ويدانت جو گهرو اثر معلوم ٿئي ٿو. اهو ان ڪري جو هن سنڌ جي ويدانتي فڪر جي عالم ابو علي سنديءَ کان تصوف جو علم حاصل ڪيو هو. جيڪو سنڌ جي مقامي ويدانتي فڪر کان عاري نه هو. صدين کان وٺي سنڌ ڪنهن به مذهبي ڪٽر پڻي جي حامل نه هئي. ان کان سواءِ اسلام کان به اڳ هتي هندو مذهب، ٻڌ ۽ جين درم جي نظرين جو وڏو اثر هو. تنهن ڪري هتان جي ماڻهن تي عرب راسخ الاعتقاد اڳواڻن جو اثر قبول نه ڪيو. عرب جي ڀيٽ ۾ ايران جي وحدت الوجودي فڪر جو اثر قبول ڪيو. اهو ان ڪري جو سنڌ ۽ ايران فارسي ٻوليءَ ڪري هڪ ٻئي سان سلهاڙيل رهيا، ان ئي سبب جي ڪري گهڻي قدر هتان جي دانشور، صوفي ۽ درويش طبقي ايران جي وحدت الوجودي تصوف جي فڪر کي اپنايو. عرب، امام غزالي واري راسخ الاعتقاد واري صوفي فڪر کان گهڻو پري رهيو. سنڌ جي اڪثر صوفي فڪر جي شاعرن پنهنجن احساسن، جذبن، جي اظهار لاءِ به مروج پنهنجي صدين جي روايتن ۽ فني خوبين کي اختيار ڪيو. رشيد ڀٽي لکي ٿو ته:

”مشرق ۾ تصوف جا ٻه مرڪز آهن. هڪڙا راسخ الاعتقاد صوفي جي مذهب جي ظاهر کي به اهميت ڏين ٿا، شريعت ۽ طريقت کي به لازم و ملزوم سمجهن ٿا. اهن جو اڳواڻ امام غزالي رحہ آهي، جنهن جا هن اپکنڊ ۾ علمبردار علي بن عثمان هجويري عرف داتا گنج بخش رحہ ۽ خواجہ معين الدين چشتي اجميري رحہ آهن. ٻئي مکتب خيال وارا مذهبي ڪٽر پٽي ڪان پري آهن. مذهب جي ظاهر کان باطن تي واڌو زور ڏين ٿا ۽ وحدت الوجودي سڏجن ٿا. پوئين مکتب تي هندي آريائي ويدانيت جو گهڻو اثر ٿو ڏسجي.“ (2)

صوفيءَ جي درجي تائين پهچڻ لاءِ شريعت، طريقت، معرفت وارا ماڳ ٽپي، حقيقي منزل جي ڏاکي تي صوفي پهچندو آهي، پر اوستائين ٻه پهچڻ لاءِ ٽي ڏاکا بيان ڪيا ويا آهن. پهرين اثبات، ٻيو نفي، ٽيون وري اثبات، انهن ڏکين منزلن تان گذري هڪ سالڪ صاف ۽ سچو صوفي ٿو بڻجي. پهرين ڏاڪو مطالعو آهي. ان بعد صوفي اثبات واري منزل تي رسي ٿو ۽ هڪ صوفي (سالڪ) جي اندر ۾ خودي پيدا ٿئي ٿي. هڪ وحدت الوجودي سالڪ لاءِ خوديءَ واري منزل پهريون ڏاکو ليکيو ويندو آهي. جتي هن کي نفيءَ کي مُنهن ڏيڻو پوي ٿو، اهو ڏاکو پار ٿي صوفي اثبات کي رسي ٿو، پر اها اثبات خوديءَ واري ناهي، اها ازلي سچ ۽ پاڻ سڃاڻڻ واري اثبات آهي، جتي هڪڙو صوفي پهچي پنهنجي خيالن ۽ آدرشن کي آزاد سمجهي ٿو. نماڻو فقير لکي ٿو ته: ”تصوف جو خاص اصول ۽ عقيدو آهي ته انسان جا روح خدائي روح

جا جزا آهن. تنهن ڪري انهن ۾ ذات جو ڪو تفاوت ڪونهي ليڪن درجي جو آهي. اهي جزا آخر موٽي وڃي روح ڪل يعني حق ۾ گڏبا، جيئن پاڻي جو ڦڙو درياهہ ۾ گم ٿئي. دنيا جي حياتي پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگر آهي، جو لحظي ڪان پوءِ وري درياهہ ۾ گم ٿي وڃي. خدائي روح سان عالم ۾ پکڙيل آهي ۽ صفت ۾ موجود آهي. انهيءَ طرح وحدت ۾ ڪثرت آهي ۽ ڪثرت ۾ وحدت آهي. قدرتي نماءُ يا شيون خدائي حُسن جو عڪس آهن.“ (3)

بيدل سائين پنهنجي دؤر جو هڪ بيباڪ ۽ سچو شاعر هيو، جنهن جي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز، امن ڀائيچارو ۽ انساني عظمت جي اُپٽار آهي. بيدل سائين نسلي متڀيد، فرقہ پرستي، انتها پسندي، تنگ نظريي سماجي اونچ نيچ خلاف پنهنجي شاعريءَ وسيلي هڪ وڏي تحريڪ جي ابتدا ڪئي هئي. هن جي نظر ۾ سڀ انسان هڪ جهڙا آهن، ڪنهن سان بہ مذهب رنگ، نسل جي ڪري نفرت نہ ڪرڻ گهرجي. حسد، ڪينو، ساڙ ۽ بغض جهڙن روين ڪي ڪڏهن بہ پنهنجي دل ۾ جاءِ نہ ڏجي، ان جي جاءِ تي انسان دوستي، امن پسندي جي پرچار ڪجي تہ جيئن هن ڌرتي تي امن جي پيغام ڪي ڦهلائي سگهجي. اهڙي نموني سان بيدل سائين جي فن ۽ فڪر جو اثر ڪيترن ئي سنڌي شاعرن جي شاعري ۽ فڪر تي نمايان نظر اچي ٿو. انهن منجهان ناليوارو شاعر ۽ محقق تنوير عباسي بہ هڪ آهي. تنوير عباسي جي ذات ۽ ڏانوءَ تي ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن، دانشورن، اديبن ۽ شاعرن جو گهرو

فڪري اثر آهي. ان جو سڀ کان وڏو سبب اهو آهي تہ سنڌ ڌرتيءَ جي عالمن ۽ اديبن بغير ڪنهن تعصب جي سڄي دنيا جي سائنسي، روحاني ۽ مذهبي علمن کي نہ رڳو پڙهيو آهي پر انهن علمن منجهان، جيڪي بہ علمي ۽ روحاني تخليقون انسانيت جي چڱ ڀلائيءَ ۾ هيون، انهن کي پنهنجو ڪري، پنهنجي سماج ۾ بہ پيش ڪندا رهيا آهن. اسان جي ڪيترن اڳين سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن بہ اهڙا علمي توڙ روحاني اثر قبول ڪيا آهن. تنوير عباسي جي شاعريءَ تي بہ اهڙا فني ۽ فڪري اثر دنيا جي وڏن شاعرن سميت سنڌ جي بہ ڪيترن شاعرن ۽ بزرگن جا رهيا آهن. انهن علم پرور انسانن منجهان قادر بخش "بيدل" بہ هڪ آهي، جنهن جي مجازي حُسن، عشق جي شاعريءَ سان مَڌ ڀريل مٽن مان مئي جا جام جرڪندي نظر اچن ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ "همہ اوست" واري فڪري ويچارن جو، تنوير عباسي اثر قبول ڪيو آهي. قادر بخش "بيدل" پنهنجي ڪلام ۾ "همہ اوست" واري فڪر کي گهرائيءَ سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ فڪر کي صحيح نموني سان بيان ڪرڻ لاءِ هن قرآن شريف جي آيتن کان بہ مدد ورتي آهي. سندس خيال آهي تہ هر جاءِ هر شيءِ ۾ "همہ اوست" جو هوڪو آهي.

"همہ کي هڪ ڄاڻ تون، همہ هڪ آهي،
"لا" سين ڇڏ لاهي، خام خوديءَ جا خطرا." (4)

تنوير عباسي بہ انهيءَ "همہ اوست" واري فڪري تسلسل کي هيٺن بيان ڪيو آهي.

"تون هڪ آهين،
مان هڪ آهيان،
هو هڪ آهي،
سڀ هڪ آهيون." (5)

اهو ئي آهي، جيڪو هِت بہ آهي تہ هُت بہ آهي. انهي هستي جي "هم" ۾ عاشق پنهنجو پرتو ڳولين ٿا. حقيقي سالڪ انهن سمورن شين جي ڳجهن جي ڳولا ۾ آهي، سندس چوڻ آهي تہ انهن لڪيل شين ۽ ڳُجهن جي ڄاڻ ان مالڪ مهربان مان ئي پوندي، جنهن هن ڪائنات کي تخليق ڪيو آهي ۽ جنهن ۾ پنهنجا ڳجها راز بہ رکيا اٿس. ظاهر توڙي باطن ۾ هر هنڌ تون ئي تون آهين. نماڻو فقير لکي ٿو تہ: "توکان سواءِ ٻيو ڳوليندڙ ڪونهي، تنهنجي ذات پاڪ بيان کان ٻاهر آهي. ٻيئي لوڪ تنهنجي حقيقت جو روپ آهن. تون لا مڪان آهين ۽ هِڪُ ئي هِڪُ آهين پر ڪثرت جي ڪري سڀ ڪنهن هنڌ پيو نظر اچين. جڏهن پنهنجي سونهن کي ڏيکارڻ ٿو چاهين تڏهن بيابان واري ميدان ۾ اچيو تنبو کوڙين، يعني هي دنيا پنهنجي سر ويران آهي، اتي بہ تون اچي ظاهر ٿيو آهين." (6)

بيدل فقير وٽ ڪوڙي دعويٰ وارن جي ڪابہ گنجائش ڪانهي. ڇاڪاڻ جو ڪوڙن دنيا کي ايترو تہ ٻي رنگو ڪري ڇڏيو آهي، جو حق کي حق چوڻ وارن کي بہ سماج سُٺي نظر سان نہ ٿو ڏسي. تنهن ڪري فرقن جي دڪان ۾ ڦاسڻ بجاءِ حقيقي مالڪ جي حڪم جي بجا آوري آڻي سماج کي چشمي

جي پاڻيءَ وانگر صاف شفاف بڻائڻ گهرجي، جيئن خلق خدا کي گمراهه ڪندڙن جي شر کان بچائي سگهجي. بيدل سائين فرمائي ٿو.

دعويٰ دُرنگيءَ جي سَنِي وحدت ڏي چت جو چاهه ڪر،
سِرُ پنهنجو ڪر تون سهيون، ٻيا سڀ قصا ڪوتاهه ڪر،
مذهب جو مونجهارو ڇڏي ذاتي ڪُنهه ڏي ڪاهه ڪر،
شيعي سُنِيءَ کان ڀڄ پري رُخ رمز واري راهه ڪر،
علم و عقل کان ٿيءُ پري، سڪ سوز جي صلاح ڪر،
خلقت خدائيءَ جي ڏِڪي سر قرب جي ڪلاهه ڪر،
بيدل برهه جي ٻڙڪ سان ڪا سُجهه ساهه پساهه ڪر،
تون تان اهو ساڳيو آهين، واقف اهو ويساهه ڪر. (7)

اسان جي صوفي سڳورن، شاعرن هميشه حق ۽ سچ جي راهه تي هلڻ جي تلقين ڪئي آهي. انهيءَ ئي راهه تي هلڻ سان سماج جا سهنج ۽ سُڪ ڳنڍيل آهن. بد اخلاق ۽ بيڪار سماج ڪڏهن به ترقي ڪري نه ٿو سگهي. انهيءَ ڪري اسان جي صوفي شاعرن پنهنجي فڪر وسيلي بگڙيل سماج ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ هم اوست جي فڪر وسيلي پرچار ڪئي آهي. جيئن سماج ۾ ڦهليل مايوسيءَ کي ختم ڪري سگهجي. انهيءَ دوئيءَ واري سماج کي ڍاهي ڦٽو ڪجي. دلين ۽ زبان تي هڪ ئي نعرو هجي اناالحق جو، تنوير عباسيءَ بيدل سائينءَ وانگر فرقن جي اڙانگن پيچرن جو قائل ناهي، هو به حق ۽ سچ تي سر ڏيڻ جو قائل آهي.

حق حق اناالحق، اناالحق حق اناالحق حق
هڻ دوئيءَ کي ڏک، اناالحق حق اناالحق حق،
محبت جا تون خيما کوڙ، ٻيائي ٻوڙ، دلين کي جوڙ،
دوئيءَ کي هڻ تون هڪ ئي ڏک، اناالحق حق اناالحق حق،
سيئي مشرب منهنجا آهن، مذاهب مون آڏو ڇا هن،
نہ آهي منهنجو ڪو مسلڪ، اناالحق حق اناالحق حق،
ٻيائيءَ جا ڏينگا ڏاهيون، محبت جون ماڙيون ناهيون،
لنگهي ويندا سين هر هڪ لڪ، اناالحق حق اناالحق حق" (8)

حق سان هڪ تيڻ واري وائي صدين کان وني، هن سرزمين جي سڃاڻپ رهي آهي. هن ڌرتيءَ تي تصوف جي ڪيڙ تي آهي، جُتان انسانيت جا سوين سرها گل ڦٽي نڪتا آهن، جن سڄي دنيا کي پنهنجي سحر ۾ وڪوڙي ڇڏيو آهي. هتان جي شاعرن مصور حلاج جا بہ گڻ ڳايا آهن تہ روميءَ جي رهاڻين سان بہ روح ريجهايو آهي. قادر بخش "بيدل" جيان، تنوير عباسي جي سوچ ۽ فڪري تخليقن جا اثر بہ صدين تائين هن ڌرتيءَ جي فڪري اڏاوت ڪندا رهندا.

حوالا:

1. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر. مضمون. بيدل جي شاعريءَ جو مختصر جائزو. مؤلف سيد عطا حسين شاهہ موسوي. ديوان بيدل ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. ٽيون ايڊيشن. 1991ع ص 23.

2. ٻٽي رشيد، سچل جو مڪتب، خيرپور ميرس. سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، 1993ع. ص. 21.
3. فقير، نماڻو، سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، مرتب، قاضي علي اڪبر درازي، خيرپور ميرس، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، 1995ع. ص 12.
4. موسوي، عطا حسين شاهه، سيد. مرتب. ديوان بيدل. ڇاپو ٽيون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. 1991ع ص 86.
5. عباسي، تنوير. ساجن سونهن سرت. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 1996ع ص 100.
6. فقير، نماڻو. سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام. خيرپور: سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي 1995ع ص 15.
7. بيدل، قادر بخش. بيدل سائين جو رسالو. مرتب. اختر درگاهي. بيدل يادگار ڪاميٽي. خيرپور: پوپٽ پبليڪيشن 2011ع، ص94.
8. عباسي، تنوير. هيءَ ڌرتي. حيدرآباد: سنڌي اديبن جي سهڪاري سٽ. 1985ع ص 66.

بيدل جي شاعريءَ ۾ صوفين جا فرض

عابد سومرو

سنڌ سونهاري اُها سرزمين آهي جتي ڪيترا عالم، بزرگ، شاعر، اديب، جوڌا جوان ۽ انقلابي پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي علم، عقل، ڏاهپ ۽ گهرائيءَ سان پنهنجا خيال، نظريه ۽ گس ڏنا آهن ۽ اهو ثابت ڪيو آهي ته انسان جي عظمت ئي خدا جو مظهر ۽ اهڃاڻ آهي. روهڙيءَ جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ صوفي سالڪ قادر بخش بيدل به هڪ آهي.

فقير قادر بخش بيدل اعليٰ پائي جا صوفي شاعر ٿي گذريا آهن، فقير قادر بخش بيدل ڪيترين ئي ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي. سندس شاعري سنڌي، فارسي ۽ سرائيڪيءَ ۾ پڻ ملي ٿي. فقير قادر بخش بيدل جا هونئن ته انيڪ موضوع آهن. پاڻ سڃاڻڻ، وحدة الوجودي، وطن، تصوف جو ذڪر ۽ صوفين جا فرض، سندس ڪلام کي گهرائي سان پڙهجي ۽ ان تي غور ويچار ڪجي تو ته اهو چٽو ۽ صاف ظاهر ٿئي ٿو ته صوفين تي به ڪي فرض آهن.

ڪوئائين تو ڪلمه گو، ڪلمون پڙهڻ سِکُ
فڪر جي ڦرهيءَ تي "لا" جو اکر لِکُ
معنيٰ وار مِک حرفن مؤن هِتِ آڻ تون.
(ديوان بيدل- فرائض صوفيه بيت 1 ص 133)

فقير قادر بخش وٽ اهو فڪر ۽ گهري سوچ آهي ته جيڪڏهن پاڻ ڪلمو پڙهين ٿو ته پوءِ ٻي ٻولي ڪائي نه ٻول.

ڪوٺائين ٿو ڪلمه گو، ڪل ڪلمي جي ڪول،
نغمه ڪي حق چاڻ تون ٻُلُ نه ٻئي ڪنهن ٻُولِ،
ورسيانت ورول نفيءَ ڪي اثبات ۾.
(ديوانِ بيدل- فرائض صوفيه بيت 3 ص 133)

بيدل سائينءَ جي ڪلام ڪي بار بار ۽ وڏي غور و فڪر سان پڙهجي ٿو ته ان ۾ اهو خيال ملي ٿو ته صوفي کي ٻيائي ٻوڙي جسم سان جنگ جُوٽي لا جي نفيءَ ۾ آڻي بيدل سئين ان لئه ڪجهه هيئن چيو ته:

”لا“ جو ڪنهون هَٿِ ڪري جنگ جسم سان جُوڙ،
نَفيٰ واري نئن ۾ وجي ٻيائي ٻُوڙِ
سالڪ سَڳو سور نبهي اتي نانهن جو.
(ديوان بيدل- فرائض صوفيه بيت 8 ص 133)

بيدل سائين پنهنجي شاعريءَ اندر تصوف جون رمزون، ڳُجهه، صوفين کي مخاطب ٿيندي ڪجهه هيئن فرمائين ٿا ته:

”لا“ جو ڪنهون هٿ ڪري جسم سان تون جهيڙ.
وساري وجود کي پيرُ نفيءَ جو پيرُ،
اوڏو تئين اثبات کي.
(ديوان بيدل- فراض صوفيه بيت 8 ص 133)

بيدل سائين اهو صوفي ۽ وحدة الوجوديءَ جو قائل شاعر آهي، جيڪو صوفين کي تفرقي بازي ڪرڻ کان نندي ٿو ۽ معبوديءَ جي مام بابت هيئنئن فرمائي ٿو ته:

الا الله اثبات ڪر اهو آهي سلام،
طالب ڇڏي تفرقو اچي وَٺُ آرام،
معبوديءَ جي مام نفيءَ سان نروار ٿئي.

(ديوان بيدل- فرائض صوفيه بيت 16 ص 133)

پاڻ سڃاڻڻ ۽ منصور جو پوئلڳ بڻجڻ ۽ ان جي پيروي ڪرڻ بابت بيدل سائين فرمائي ٿو ته:

الا الله اثبات ڪَرِ جيئن ڪيو منصور
ثابت رهج ثبوت ۾ ڇڏي فرق فتور،
حاصل ڪج حضور، پاڻ پروڙي پنهنجو.

(ديوان بيدل- فرائض صوفيه بيت 18 ص 133)

بيدل سائين صوفين کي حجت منجهان مخاطب ٿيندي ۽ معراج ماڻڻ (يعني بلندي پسڻ لئه) ڪجهه هن ريت فرمائي ٿو ته:

الا الله اثبات ڪر جيئن ڪو حلاج،
لا اِله الا انا فاعبدون هي حلاجي هاج،
ماڻي تون معراج، جي پاڻ پروڙين پانهنجو.

(ديوان بيدل- فرائض صوفيه بيت 18، ص 133)

بيدل سائين صوفين کي چوي ٿو ته هي جاءِ آهي ته هوءَ جاءِ آهي اوهان سڄڻ (رب) کي هيڏي هوڏي نه ڳوليو هو

تہ نحن اقرب اليه من حبل الوريد (ساھ جي رڳ کان وڏيک ويجھو ۽ بيحد قريب آهي.

نہ ڪا هاءِ نہ هوءِ اِهو جو ويل وصال جو،
و جاءَ ربڪ والملڪ صفًا صفا رهيا رومي روءِ
سدا سوءِ بہ سوءِ سڄڻ وست سامهان.

(133 ص 22 -ديوان بيدل- فرائض صوفيہ بيت

مددي ڪتاب:

1. ديوان بيدل.

سيد عبدالحسين شاھ موسوي.

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ ڇاپو 2012.

فقير قادر بخش بيدل رحہ جي شاعريءَ ذريعي مخلوق جي تربيت

عطاءُ الله قريشي

خالق ڪائنات انسان کي تخليق ڪري صرف پنهنجو نائب نہ بڻايو، بلڪ ان کي هڪ خاص مقصد جي لاءِ بڻايو ويو. اهو مقصد هو پنهنجي اطاعت ڪرائڻ. جنهن لاءِ هڪ دستور حيات ضروري هيو، جنهن جي ذميواري نبين جي مٿان رکي وئي. انهن ذميواري پوري ڪئي. پر بدقسمتي جو نبين جي هن دنيا مان وڃڻ کان پوءِ باطل ظاهر ٿي پيو. ائين لڳو ڄڻ نبي آيا ئي ڪونہ. خدا جي تخليق انسانيءَ جو مقصد اڃان پورو ٿيڻو هو، جنهن لاءِ مضبوط قدم کڻڻ جي ضرورت هئي. الله کي خبر هئي تہ ڇا ڪرڻو آهي. محمد صلي الله عليہ وسلم جن جي صورت ۾ انسانيت جو رهبر هدايت لاءِ موڪليائين.

رب سائين قرآن ۾ فرمائي ٿو:

"لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم"

رسول خدا احسن تخليق جو حق ادا ڪيو ۽ پنهنجي زندگي اسان لاءِ مثال بڻائي. خاتم النبيين تي نبوت جو سلسلو ختم ٿيو، پر سندن پيغام کي پهچائڻ امت تي فرض ٿيو.

ان سلسلي ۾ صوفياءِ ڪرام تربيت انسانيءَ ۾ خوب ڪردار ادا ڪيو. پنهنجي ملفوظات، شاعري ۽ نثري ادب جي

ذريعي قومن جي نہ صرف تقديرن کي بدلايو بلڪ انسانيت کي معراج جي بلندين تائين پهچايو. انهن صوفيائن ۾ فقير قادر بخش بيدل جو بہ شمار ٿئي ٿو. جن پنهنجي شاعري ۽ تعليمات جي ذريعي تربيت انساني ۽ ڪردار جي تعمير ۾ حصو ورتو.

بيدل سائين جي پيغام هدايت جو مرڪزي نقطو "المجاز قنطرة الي الحقيقت" تي مبني آهي. سندن زندگي "مجاز کان حقيقت تائين جو عملي نمونو آهي. پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي محبوب حقيقي تائين رسائي حاصل ڪرڻ جو رستو ٻڌايو اٿائون. خدا جي وحدانيت ۽ ربوبيت جي متعلق تعليم ڏيندي فرمائن ٿا!

الا الله اثبات ڪر، شارڪ ڇڏي·شڪ،

آڪي اناالحق، مسلماني ماڻ تون،

(ديوان بيدل-عبدالحسين موسوي، فرائض صوفيہ، بيت-20 ص-134)

(هڪ الله کي مڃ ۽ ان ۾ ڪو شڪ نہ ڪر ۽ ان کي ئي حق سمجهي اسلام جي بلنديءَ کي حاصل ڪر)

اِها ئي تربيت آهي جو بيدل سائينءَ جن پنهنجن بيتن ذريعي ڪن ٿا. تہ جيئن هڪ مسلمان سچائي سان پنهنجي رب تي نہ صرف ايمان آڻي پر پنهنجو پاڻ کي خدا جي سپرد ڪري. سپردگيءَ کان پوءِ ان جي اطاعت ڪرڻي پوندي ۽ ان جي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي اطاعت ڪرڻي پوندي.

اطاعت رسول صلي الله عليہ وسلم ۾ اسان کي سيرت رسول صلي الله عليہ وسلم مان هر عمل جي رهنمائي ملي ٿي ۽ سنو عمل ئي فرد جي ڪردار جي تعمير ڪندو آهي. فردن سان سماج ٺهندا آهن.

بيدل سائينءَ جن ان وقت معاشري جي اصلاح ڪئي. جڏهن اسان جي ننڍي ڪنڌ تي انگريز قبضو ڪري چڪا هئا. هڪ طرف اسلامي تهذيب ۽ قدرن جي حفاظت هئي تہ ٻئي طرف غيرن جي تهذيب ۽ ثقافت کان مسلمانن جي اخلاق کي بچائڻو هو. اهڙي ڏکئي وقت ۾ تعليمات الاهيءَ تي عمل ان صورت ۾ ممڪن هو. جڏهن الله تعاليٰ جي محبت ماڻهن جي دلين ۾ قائم هجي. بيدل سائينءَ جن پنهنجي خانقاه تي اهڙو ماحول قائم ڪيائون، جنهن ۾ ذڪر اذڪار جون محفلون، درس و تدريس جا دور، حلقہ و مراقبو ۽ راڳ جون صوفيانہ محفلون، هڪ طرف تصوف جي تعليم، جنهن سان هر قوم، نسل، مذهب کان بالاتر ٿي ڪري هر شخص سندن محفل ۾ هوندو هو. تہ ٻئي طرف توحيد باري تعاليٰ جي محبت سيني جي دلين ۾ قائم ٿئي پئي. تہ هر شخص خدمت خلق تي يقين رکي، حسد ڪينو ۽ نفرت و بغض کان پاسي اطاعت الاهي ۽ اطاعت رسول صلي الله عليہ وسلم ئي سيني جو مقصدِ حيات هو.

الا الله اثبات ڪر، اهو ٿي ايمان،
و أنتَ الوجود في الدارين، مچ ٿي مسلمان،
معبوديءَ جو ماڻ، پاڻ سڃاڻي پاءِ تون.

(ديوان بيدل-عبدالحسين موسوي- فرائض صوفيہ بيت-17 ص-134)

جڏهن بندو ڪلمو پڙهي ايمان ۾ داخل ٿئي ته ان کي مڪمل مسلمان ٿيڻو پوندو. معنيٰ ان کي پنهنجي دل ۾ صرف ۽ صرف الله جي محبت ۽ عشق کي جاءِ ڏيڻي پوندي. ان جي دل الله جو حرم سَرا ٿيندو، پاڻ کي هر وقت ان معبود حقيقيءَ جي ياد ۾ مصروف رکڻو پوندس. پنهنجي هر مصروفيت ۾ رب جو ذڪر هر وقت ان بندي جي قلب ۽ زبان تي جاري رهي.

الله جو پسنديده دين اسلام آهي. پاڻ فرمائن ٿا. فرقن ۾ چوٽا پئو جڏهن دل سان مسلمان ٿي ويئو ته هاڻي ان جو ٿي وڃ. پاڻ ڪجهه ناهي. ان جي حڪم تي ٽوڪي هلڻو پوندو.

پَسي باغ بقاء جو، من جون موجون ماڻ،
مَن عرف نفسه فقد عرف رَبه پنهنجو سر سڃاڻ
جاڻ وڃائي جاڻ، ڪنهن حقيقت جو.

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي- ابيات سنڌي بيت-10، ص-140)

پاڻ کي سڃاڻڻ بندي جو ڪم آهي. پنهنجي دنياوي سڃاڻپ رب جي اڳيان هيچ ڄاڻڻ ۽ وسارڻ پوندو. جيڪڏهن چاهين ٿو حقيقت تائين رسائي ٿئي ته پوءِ الله جا انعامات ملندا.

مددي ڪتاب:

(1) ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو- چوٿون سال 2012ع.

بيدل جو همعصر شاعر بزرگ بچل شاهه

علي حسن سرڪي

سنڌ صوفين، درويشن، فقيرن جي سرزمين آهي، جتي ڪيترائي صوفي بزرگ مدفن آهن. سمورن صوفي فقيرن جيڪو پيغام ڏنو آهي. اهو انسانيت جو پيغام آهي. ۽ سنڌ جي وستي وستي، نگر نگر اوهان کي ڪنهن نہ ڪنهن الله لوڪ انسان سان مؤجزن ملندو.

سنڌ جي نگري پيار، امن جي ڌرتي آهي جتي جو ٻہ آيو آهي. اهو هن ڌرتيءَ جي محبت جو مجنون ٿي، محبت جو سنديس ٿي عوام تائين محبتون ڪٽي پهتو. صوفي سڀني جي محبت جا ميخانا انسان ذات جي ڀلائيءَ جو درس ڏيڻ لڳا، جتي ماڻهن جا هجوم ڏسي وقت جا حاڪم بہ دهلجي ويا ۽ اهڙي انسان دوستي ۽ محبت ڏسي انهن ڪيترن ئي صوفي بزرگن کي پنهنجي ڏاڍ، ڏمر جون ڌمڪيون ڏئي دهلائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اهي انسانيت جي پيغام کان هرگز بہ ڪين مڙيا ۽ انهن انسانن کان هرگز تعلق پنهنجو نہ ڇڳو. انهن جانيون قربان ڪيون مگر اهي رند، درويش پنهنجي اٽل ارادن ۾ قائم ٿي بيٺا.

منصور، سرمد، شاهہ عنايت، بلاول کان وٺي مخدوم عبدالرحمٰن کهڙائي تائين هڪ طويل سلسلو آهي، جيڪو شهادتن سان ڀريو پيو آهي جيڪي جانيون ڏئي پاڻ کي هميشہ لاءِ امر بڻائي ويا. ان ئي تسلسل سان سدائين صوفين وقت

جي ظالمن سان مهاڏو اٽڪايو آهي. پنهنجي خودشناسائي سان گڏ خدا شناسائي جو درس بہ ڏيندا رهيا آهن. جن جي فڪر جو پڙاڏو اڄ بہ تاريخ جي ورقن مان گونجي رهيو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي دؤر ۾ ئي ڪيترائي علم ادب جا مرڪز پنهنجي علمي روشني سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ محبت جي ورڪا ڪري رهيا هيا. هي دؤر علم ادب جو هڪ سونهري دؤر چيو وڃي ٿو. هڪ طرف ڀٽ شاهہ جي نگري مان جيڪا انسان دوستي جي پرچار پوري سنڌ ۾ پنهنجي علم جو جهنڊو بلند ڪيو اتي درازن جي ڌرتيءَ بہ پنهنجي ان علمي بصيرت ۾ گهٽ ڪونہ هئي. درازن جو باني حضرت ميان صاحبڏنو فاروقي کي چيو ويندو آهي، جنهن کي موراڳي پڻ چيو ويندو آهي. ميان صاحبڏنو فاروقي لطيف سرڪار جو همعصر شاعر بزرگ هيو. جنهن سان شاهہ سائين رحہ اچي درازن ۾ روح رهاڻيون ڪيون هيون ۽ سچل سائين رحہ کي ڏسندي چيو هيائين تہ: ”اسان جيڪو عشق جو ڪُنو چاڙهيو آهي ان جو ڍڪڻ هي نينگر لاهيندو.“ ان عشق جي حقيقتن، رازن کي وڏيڪ کولي سچل سائين بيان ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏي آهي.

الستي رنگ ۾ اچي ڪيترن ئي صوفي شاعرن ان تصوف جي واٽ تي هلي سچل جي پيغام کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سچل جو پيارو شاگرد طالب نانڪ يوسف کي چيو ويندو آهي. هي اهو دؤر آهي جڏهن درازن ۾ ڪيترائي محبت جا پياسا پنهنجي پياس مٽائڻ لاءِ درازن ۾ ايندا رهيا. چون ٿا تہ روهڙي وارو بيدل فقير بہ

سچل سائين جو ڏاڏو عقيدت مند هيو ۽ سچل سان آخري عمر ۾ ملڻ پڻ ٿيو. جنهن جو ثبوت سندس وفات تي لکيل ڪلام مان به ملي ٿو. جنهن ۾ بيدل سرڪار پاڻ کي پرت جو پينار لکي ٿو ۽ سچل سائين جي عارفانه حقيقت کي به نروار ڪيو آهي. جيئن بيدل سائين چوي ٿو ته:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ مَن سچو عارف اتي اظهار هو
وجد وحدت جو سدا خاصو تنهن خمار هو
مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو
برهه جي برسات جو تنهن ويرَ جو وسڪار هو
ظاهر و باطن تنهن وٽ درد جو ڏڏڪار هو
پانهنجي رائي پرين نوي ورهيه نروار هو
وصل جي پوءِ موج ماڻي ذوق جو ذُخار هو
قربدارن جي ڪَٽڪ ۾مرد منصبدار هو
دَر تنهين داتا جي "بيدل" پرتِ جو پينار هو

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، ڪافي 69، سر روپ جهنگلو صفحو 173)

روايت موجب سچل سائين اڪثر پنهنجن طالبن، فقيرن کي چوندو هو ته منهنجي عمر هوندئن ته 115 سال آهي وفات جي پر 90 ورهين جي عمر ۾ اسان مالڪ حقيقي سان ملنداسي وڃي. ان روايت کي به بيدل سائين پنهنجي ان پيتا ۾ لکي ڪري هميشه لاءِ مضبوط ڪري ڇڏيو آهي ڇو جو بيدل سائين ئي سچل جو پهريون سوانح نگار به چيو وڃي ٿو.

جنهن پنهنجي ڪلام اندر سچل جي سوانح کي منظوم پيٽائن ذريعي امر ڪري ڇڏيو آهي. سچل جي سوانح نگارن اهو بہ لکيو آهي تہ سچل سائين پنهنجي زندگيءَ جو سفر دور دراز شهرن بدران محدود سفر ڪيو، جنهن ۾ سچل سائين روهڙي جي طرف بہ ويا آهن. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ سچل ضرور بہ بيدل سائين سان مليو هوندو تڏهن بيدل جي ڪلام ۾ اهڙو ئي فڪر انگيز رچاءُ ملي ٿو، جيڪو سچل رحہ جي ڪلام ۾ پڻ اسان کي ملي ٿو. سچل جي ڪلام جو گهرو اثر بيدل تي آهي جنهن جي فن، فڪر جا اولڙا ايندڙ وقت جي شاعرن بہ قبوليا آهن.

بيدل سائين پنهنجي وقت جو هڪ اهڙو عوام دوست شاعر هيو. جيڪو پنهنجي ماحول تي گهري نظر رکندڙ هيو. سندس وقت ۾ انگريزن جا ڪٽڪ آيا ۽ انهن جي فريبن کان بيدل سائين پنهنجي قوم کي پڻ آگاهہ ڪيو آهي. هن وقت جي نبض تي هٿ رکي اڳتي ايندڙ وقت جي آگاهي پنهنجي ڪلام ۾ جا بجا ڏني آهي. بيدل پنهنجي مجازي مام کان حقيقي مام تائين پهچڻ لاءِ وڏا ڪشالا ڪيا آهن. جنهن لاءِ هو روهڙي سکر جي آس پاس جي ماڻهن سان، بزرگن سان، ساجاهہ وندن، علم پرور انسانن سان وقت بہ وقت ملندو رهيو آهي. پنهنجي ڏاهپ جا ڏس پنهنجي ڪلام جي ذريعي ڏيندو رهيو آهي ۽ ڪيترن کي پنهنجا علمي ونڊ ڏئي انهن کي حقيقت کان آشنا ڪيو. جن سان قرب جون ڪچهريون، روح وندر، ڪندو رهيو انهن ۾ جان الله شاهہ رضوي، ولايت راءِ، پارو شاهہ، روحل بيو، قيمت راءِ، جيوت سنگهہ ۽ بچل شاهہ

وغيره اچي وجن ٿا. انهن بزرگن ۾ بچل شاهه، بيدل فقير جو اهو دوست، يار درويش فقير چيو وڃي ٿو، جنهن سان بيدل فقير جو راضپو پڻ هوندو هيو ۽ سندس سٺ جي ساٿين ۾ بچل شاهه اهم ٿيو.

دادو ضلعي جي مانجهند شهر ۾ 1807ع ۾ بچل شاهه پيدا ٿيو ۽ پاڻ 1906ع ۾ وفات ڪيائين.

بچل شاهه ننڍي هوندي کان ئي عشق الاهي سان سرشار ٿيو. سندس من ۾ تصوف جي نڪتن جي واقفيت ڪيس بچپن کان ئي حاصل ٿي. هو اڪثر پنهنجي خيال سان وڃي جهرجهنگ ۾ رهندو هيو ۽ پنهنجي ان ويراڳي من سان سنڌ جي مختلف ماڳ مڪانن کان ٿيندو وڃي هند پهتو. ان تصوف جي نڪتن کي ڄاڻڻ لاءِ هن وڏو مجاهدو ڪيو ۽ پاڻ مسلسل ان يار جي ڳولا ۾ رهيو جنهن جي بچل شاهه کي تانگهه بيقرار ڪري ڇڏيو هو.

ان سلسلي ۾ سنڌ جو ناميارو ليکڪ سرور سيف پنهنجي مقالي بعنوان "19 صدي، بيدل ۽ ان جو يار سچل" ۾ لکي ٿو ته:

بچل شاهه هند ۾ جتي جموءَ جي صاحب ولايت بزرگ الف شاهه جي ملاقات ڪيس رچائي ريٺو ڪيو. ۽ اهي ڪافي وقت هن جي حاصلات لاءِ ترسي پيو. الف شاهه مٿس نظر عنايت ڪري جام عرفان پياريو ۽ ڪيس پنهنجي ملڪ موٽڻ جو چيو.

وڌيڪ سرور سيف لکي ٿو ته: بچل شاهه موٽي اچي روهڙي ويجهو سنڌو ڪناري چپري بندر کي مسڪن بڻايو.

بعد ۾ اتان اولهه طرف هڪ ويران مقام کي آباد ڪري ان کي پريم نگر ۽ حيات نگر جو نالو ڏنو. جيڪو اڄ بچل شاهه جي مياڻي روهڙيءَ کان سنڌو درياهه پار ميل ڪن پنڌ تي آهي. اتي ئي بچل شاهه هميشه لاءِ پنهنجو آستانو اڏي پنهنجي محبت جا جام ماڻهن کي پياريندو رهيو. بچل شاهه وڏي علم فضيلت وارو بزرگ هيو، جنهن وٽ راڳ ويراڳ جون محفلون به ٿينديون رهيون. جتي حقيقي راڳ جي ويراڳين جا منڊل مچي ويا. سندس ڪلام جي واڪاڻ ٿيڻ لڳي ۽ پاڻ راڳ جي محفلن ذريعي ماڻهن جي ويجهو ٿيڻ لڳو. بچل شاهه جي شاعري تي ٻين پيرن فقيرن جي صحبت ۽ بيدل سائين جي ڪلام جو پڻ وڏو اثر نظر اچي ٿو.

بيدل فقير پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو:

اونهي هن اسرار جو، جن تي ڪليو دَرُ
جاڏي ڪن نظر، تاڏي پسن پرينءَ کي

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، وحدت نامون بيت-24 ص-117)

انهيءَ رمز راز کي بيان ڪندي بچل شاهه چوي ٿو ته:

بيشڪ ڀائن پاڻ کي، بچل عين شرڪ ريءُ
وڃائي تون وجود کي، پاڻئون پاسي ٿيءُ
هَڙُ هِن ڪونهي هيءُ، هو پاڻ ناهي هُن ريءَ

انهيءَ اونهي اسرار کي پرجهڻ لاءِ فقير پاڻ ۾ غرق ٿيا ويا. ۽ دنيا جي تنگ نظري کان هيڪلا ٿي پنهنجا اوتارا اڏي ويٺا، جيئن دورنگي دنيا جون ڳالهيون بيدل جي ڪلام ۾ ملن ٿيون. تيئن بچل شاهه وٽ بہ ان دورنگي دنيا جي دولابن جا رنگ نشانبر ملن ٿا. بيدل سائين چوي ٿو:

دعويٰ دُورنگيءَ جي سٽي وحدت ڏي، چت جو چاهہُ ڪر
سِرُ پانهنجو ڪر تون سِهيون، ٻيا سَبُ قصا ڪوتاهہُ ڪر
بيدل برهہ جي پڙڪ سان ڪا سُوجَهہ ساهُ پساهُ ڪر
تون تان اُهو ساڳي آهين، واقف اهو ويساهُ ڪر.

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، ڪافي-17 سُر روپ جهنگلو صفحو 155)

بچل شاهہ پڻ بيدل جي پڙان چيو تہ:

دنيا دورنگي دادلي، وئيشا وانگر نچي
سهين رنگ تماشا ڪري، اباز پيچري ٻَچي
"بچل" ڪنهن سُورمي سچي، ڪپي ڇڏيا ڱَن ڪمينيءَ جا

بچل شاهہ جي ڪلام ۾ اها ئي حقيقي ٻولي، پاڻ سڃاڻڻ وارو نظريو جيڪو هر صوفي شاعر جو فڪر رهيو آهي پاڻ کي سڃاڻڻ ئي پنهنجي مالڪ حقيقي کي سڃاڻڻ آهي.

جيئن بيدل سائين سر الاهي چوندي سارو راز سمجهايو آهي تہ:

آءُ سارو سر آهيان، پول نہ پيو کو پانيان
ظاهر باطن کيلُ، کلايم ٿاهہ عجب تو ٿاهيان
وحدت واريون موجان ماڻي قطري بحر سمايان
”بيدل“ آهيان سر الاهي، صورت سانگ بنايان

(ديوان بيدل-عبدالحسين موسوي، ڪافي 40، روپ بروهہ ص-163)

پاڻ کي سمجهڻ ئي هر راز جو راز سمجهڻ چيو ويو آهي، جيئن وقت جا ڪانٽا ٽڪ ٽڪ ڪري روز ڪجهہ نہ ڪجهہ چون ٿا پر گهڙيال جي طرف پاڻ ڏنو ئي ناهي تہ اهو ڇا ٿو چوي. ان گهڙيال جي گهڙين جي حقيقت بچل شاهہ ڪيڏي نہ سهڻي نموني سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پاڻ چوي ٿو تہ:

پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، جن ڏٺو نہ پيهي
”بچل“ هن بناوَ جي، ڪَل تنهين ڪيهي
وهامي ويئي، وڃي گهڙيون ڏس گهڙيال جون

لاهوتي پنهنجي منزل ڪندي ڪندي پنهنجي تڪين کي ڇڏي وڃي اهڙي هنڌ نڪتا آهن. جتي وڃي پاڻ پهتا آهن، جتي ڪين ڪابہ سُجهہ ٻُجهہ ڪونهي تہ ڪٿي اچي نڪتا آهن. بيدل فقير اهڙن لاهوتين جي تڪين جي واڪاڻ هينئن ڪري ٿو.

سڻايائون سُنگ کي، ڳالهيون سنديون ڳُجهہ
لاهوتين کي ڪا هئي، لُنءَ لُنءَ اندر لُجهہ
جنهن جي سُجهہ نہ ٻُجهہ، تاتي ڪيائون تڪيا.

(ديوان بيدل-عبدالحسين موسوي، وحدت نامہ بيت-103 ص-125)

اهڙي فڪر سان سرشار بچل شاهہ جو هي شعر ڏسو:

گنگا هليا ڪنهن نہ پليا، ڳوڙهن ڀري ڳاٽ
”بچل“ چوي گهر گهاٽ، تن گاروين گهوري ڇڏيا

مقصد اهو ئي چوڻ جو آهي تہ وڌيڪ بيدل شناسائي ۽ فڪر تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي تاڪ ايندڙ وقت ۾ بيدل جو فڪر ڪنهن ڪان بہ ڳجهو نہ رهي. بچل شاهہ پڻ بيدل جي مڪتب جو اهو صوفي بزرگ شاعر آهي جنهن جي ڪلام ۽ فڪر تي اجان بہ وڌيڪ لکڻ جي ضرورت آهي. مان سمجهان ٿو تہ بيدل جو فڪر ايندڙ وقت ۾ اجان بہ هن سوشل ميڊيائي دؤر ۾ بنا ڪنهن فرق ۽ ڀيد جي عام ٿيڻ گهرجي ۽ پري پري تائين سندس ڪلام جو پيغام اسان ڪي جيئڻ ٻڌڻ ۾ اچي.

اسان جي الله تواهار، پرين پهتين رب ڪي
واڳون وَس ڏٽيءَ جي، اُنَ جي هَتِ مُهار
”بچل“ ڏٽي نہ ڪري ڏارَ، پاڙ بچي پنهوار ڪان

مددي ڪتاب:

(1) ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 2012ع.

(2) عشق ڪيم اظهار. سهڙيندڙ ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري سال 2001ع، بيدل يادگار ڪميٽي روهڙي.

(3) رسالو سچل فقير جو، مرزا علي قلي بيگ سال 1902ع.

حضرت بيدل سائين جي وحدت نامي جو روحاني رنگ

ديدار معصوم

حضرت قادر بخش بيدل ولد محمد مُحسن سنڌ جو عظيم صوفي ۽ الله لوڪ شاعر ۽ عالم هيو. 1231 هجري مطابق 1815 عيسوي ۾ ڄائو ۽ 1289 هجري مطابق 1873 عيسوي ۾ وفات ڪيائين جيڪو دؤر ميرن ۽ انگريزن جو هيو.

بيدل سنڌ ڌرتيءَ جو اهو قادرالڪلام شاعر هيو جنهن جي الستي سچل سرمست جي الستيءَ سان مشابهت رکي ٿي. صوفين جي فڪر ۽ انهن جي وحدانيت جو ڏڳ انسان ذات لاءِ انتهائي لاڀائتو آهي، جنهن ۾ انسان ذات کي سواءِ حق ۽ سچ جي ڪجھ نظر ناهي ايندو. عقيدي جا انڌا ماڻهو اهڙين بزرگ هستين جي عاشقاڻي رستي کان ڪوهين دور هوندا آهن.

فقير قادر بخش بيدل جو تعلق سنڌ جي تاريخي شهر روهڙيءَ سان آهي، سندس خاندان فقيري حال ۽ خيال وارو هو، جنهن کي روحاني فيض اڳ ۾ ئي مليل هو. پر بيدل فقير پنهنجي گهراڻي ۾ پهريون وڏو صوفي شاعر ٿي نروار ٿيو.

بيدل سائين جو ڪلام وحدت الوجود، فڪر جو چٽو آئينو آهي، جيئن جيئن بيدل سائين جي فڪر انگيز شاعري

پڙهبي تہ دل ۽ دماغ تي وحدانيت جي سحر طاري ٿي ويندو. هر بيت هر شعر پنهنجو پاڻ ۾ وشال عقيدت جي گلاب جيان خوشبوءِ ڏيندو، ماڻهن جي دلين کي معطر ڪندو رهندو.

سندس خداوند سان وحدانيت جو اهڙو تہ سڪ هيو، جنهن جو مثال ملڻ ڏاڍو اوکو آهي. هر صوفي بزرگ جي توحيد کي بيان ڪرڻ جو فڪري انداز الڳ آهي. اهو ان ڪري تہ جڏهن ڪنهن صوفي بزرگ کي خدا جي هيڪڙائيءَ سان عشق ٿي ويندو آهي، تڏهن اهڙا ئي تہ بيت الهام تي ذات جي جهول پرڻ ايندا، سندن هي بيت ان عشق جو مظهر آهي.

ايڪائي ۾ ايڪ ٿي، معنيٰ ۽ صورت

اڇي احديت، ٻُوائيءَ کي دور ڪيو.

(ديوان بيدل: داستان وحدنامو، بيت نمبر 11 صفحو نمبر 115)

ظاهري طور هن بيت جي گهاڙيٽي کي ڏنو وڃي تہ ٻنهي سٽن ۾ چوويهہ ماترائون الڳ الڳ سٽ ۾ پنهنجي بيهڪ ڏيکاري رهيون آهن.

اهڙا سوين شعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جا بہ آهن، جيڪي ڇند ۽ ماترڪ لحاظ کان پنهنجي گهاڙيٽي ۾ پورا آهن.

مثال ڀٽائي سرڪار جو بيت اوهان جي آڏو رکجي ٿو...

مُلهہ مَهانگو قطرو، سِڪَڻُ شهادت:

اسان عبادت، نظرُ نازُ پرين جو.

(شاهہ جو رسالو، سُر ڪلياڻ داستان پهو، بيت نمبر: 19، مُرتب: ڪلياڻ آڏواڻي)

پنائي سرڪار جو هي بيت جيڪڏهن الڳ فڪر رکندڙ بيت آهي پر ماترائن ۽ ڇند تي بلڪل پورو آهي ڇو ته علم عروض جي تحت بيدل سائين مٿين بيت جي هن بيت جي بيهڪ سان سؤ سيڪڙا مماثلت رکي ٿي.

وحدت نامي جو اصل مقصد توحيد آهي ۽ ڪثرت کي وحدت ۾ گم ڪرڻ آهي. هن بيت جي مفهوم تي غور ڪرڻ سان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته جڏهن ماڻهو ڪلمو پڙهڻ شروع ڪري ٿو ته اڳ ۾ انڪار ڪري ٿو ۽ پوءِ اقرار ڪري ٿو، يعني ڪفر ۽ ايمان گڏجي پون ٿا ۽ پوءِ مولا جو مظهر ٿئي ٿو.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ڪفر ۽ ايمان
مظهر مولا پاڪ جي، هندو مسلمان
تارا ڪيا تالانِ، سورج سندي سوجهري

(ديوان بيدل- بيت نمبر: 17، مرتب: سيد عبدالحسين شاهه موسوي)

مٿئين بيت جو نياپو آهي اهو اڄ ڪلهه جي عام ماڻهن جي سمجهڻ ۽ پرکڻ کان تمام مٿي آهي. انهن جي مقصد ۽ سمجهه کان ڪافي مٿاهون خيال آهي جيڪي شعور وارا ئي سمجهي سگهن ٿا. آءُ هتي ڪنهن عالم جو ذڪر نه ٿو ڪريان. آءُ ذڪر ٿو ڪريان انهن جو جن بنا سوچ ۽ سمجهه جيان فتوائون ڏئي نفرت انگيز ماحول تيار ڪري ماڻهن کي گمراهه ڪيو.

هڪ خدا ۽ ان وجود ۾ ايمان هجڻ گهرجي ۽ اهو اڪيلو خدا، مختلف نالن ۽ صفتن جو مالڪ آهي. اهو عقيدو

آهي تہ خدا خالق ۽ سيني معاملن جو خلقيندڙ آهي ۽ هن جي نالن، يا صفتن ۾ ڪوبہ شريڪ ناهي. توحيد اسلام جي ٽنين مان هڪ آهي، جيڪو خدا جي اڪيلائي ۽ عبادت تي زور ڏئي ٿو. نبين سڳورن، توحيد جي تعريف خدا کي پنهنجي اُلوهيت، ربوبيت، نالن ۽ صفتن سان بيان ڪيو آهي. هي اصول اسان کي سيکاري ٿو تہ اسان جي زندگين ۾ خدا جي عظمت ۽ حڪمراني کي سڃاڻڻ ۽ ان کي تسليم ڪرڻ، آخر ۾، توحيد تي يقين رکڻ سان اسان پنهنجي خالق جي ويجهو ٿي سگهون ٿا ۽ صرف ان سان وفادار ٿي سگهون.

بيدل سرڪار جا هي بيت ان خيال ۽ سوچ جا ثبوت آهن.

ايڪائيءَ ۾ ايڪُ ٿيو، سَيو ڏوهُ ثواب
هستيءَ ۾ حجاب، هم منجهہ هڻجي ويو

(ديوان بيدل- بيت نمبر:14، مرتب: سيد عبدالحسين شاهہ موسوي)

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، اڃو ۽ کارو
نينهن هَنيو نعرو، هر مظهر ۾ هيڪڙو

(ديوان بيدل- بيت نمبر:17، مرتب: سيد عبدالحسين شاهہ موسوي)

اڃي ٿيو اثبات ۾، ڪاپڙين قرار
هوالاول والآخر والظاهر والباطن، سدا بره بهار
جاڏي ڪن نهار، تاڏي وستي ويجهڙي

(ديوان بيدل-بيت نمبر:31، مرتب: سيد عبدالحسين شاهه موسوي)

”الله اهو معبود برحق آهي، جنهن کان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق نہ آهي. هو جيئرو آهي ۽ هميشہ رهڻ وارو آهي. ان کي نہ ننڊ اچي ٿي نہ پنڪي، جو ڪجهہ زمين ۾ آهي ۽ جو ڪجهہ آسمان ۾ آهي سڀ ان جو آهي، ڪير آهي جو سندس موڪل کان سواءِ وٽس ڪنهن جي سفارش ڪري سگهي. جو ڪجهہ انهن جي سامهون ٿي رهيو آهي ۽ جو ڪجهہ پرپٺ ٿي رهيو آهي، ان کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ هو سندس معلومات مان ڪنهن حد تائين ڪا پهچ نٿا حاصل ڪري سگهن، البت جيتري حد تائين پاڻ چاهي. ان جي بادشاهي ۽ علم زمين ۽ آسمان سڀ کي گهيرو ڪيل آهي ۽ اهو الله وڏي شان ۽ بلند درجي وارو آهي.“

(آيت الڪُرسي جو ترجمو)

بيدل سائين خدائي رمزن جي رستن جو قائل هيو سندس شعرن ۾ ذڪر ڪيل هيڪڙائي جا عنصر انسانيت جي درس ۽ سکيا لاءِ آهن ڇوتہ انسان جو وجود خدائي جي عظمت جو وڏو اهڃاڻ آهي. انسان کي گهرجي تہ ولين جي ڏسيل ڏڳ کي دلي طور هنڊائي تہ جيئن زندگي جيئري ئي جنت بڻجي پوي.

ماخذ:

- القرآن، ترجمو: مولانا تاج محمود امروٽي، تاج ڪمپني ڪراچي.

- ڪتاب انسانيت جي تعمير: ليکڪ: مولانا وحيدالدين خان ڇاپو: پهريون. ڇپرايل ادارو: سنڌيڪا اڪيڊمي
- شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي.
- بيدل جو رسالو: عبدالحسين موسوي. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2012ع، ڇاپو- چوٿون.

بيدل سائينءَ جو فڪر ۽ ان جا سرچشما

فقير قليو

سنڌ جي سرزمين تصوف ۽ صوفياڻي روايتن جي حوالي سان قديم دؤر کان جديد دؤر تائين پنهنجي هڪ منفرد سڃاڻپ رکي ٿي. مخدوم نوح سرور، شاهه ڪريم بلڙيءَ وارو، قاضي قادن، شاهه عنايت رضوي، شاهه عنايت شهيد، شاهه لطيف، شاهه لطف الله قادري، سچل سرمست، بيدل بيڪس ۽ ٻيا ڪيترائي صوفي بزرگ ۽ شاعر پنهنجي فڪر ۽ عمل سان سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جي سيڱ سنواري تاريخ ۾ هميشه لاءِ امر ٿي ويا آهن. سنڌن فڪر، فلسفي ۽ شاعريءَ ۾ سمايل تصوف جو انسان دوستي، رواداري، محبت، سهپ، خير ۽ ڀلائيءَ وارو پيغام اڄوڪي دؤر ۾ سماجي ۽ معاشرتي مسئلن جي حل لاءِ پڻ اوترو ئي ضروري ۽ اهم آهي جيترو سنڌن دؤر ۾ هو. سنڌ ۾ صوفي بزرگن ۽ شاعرن جو حق موجود، سدا موجود وارو نعرو سنڌ جي عوام جي دل جي گهراين مان اڄ به گونجي رهيو آهي، جنهن وسيلي امن ۽ پيار، محبت، ڀائيچاري، سهپ، برداشت وارن آفاقي انساني قدر ۽ ريتن ۽ رسمن جي آبياري ٿيندي رهي ٿي. درحقيقت اهو ئي سماجي قدرن ۽ گڻن تي مشتمل معاشرو هڪ مستحڪم معاشرو بڻجڻ جي صلاحيت رکي ٿو. چوڻ ۾ ائين آيو آهي ته عشق جو انسان ذات سان اهڙو رشتو آهي، جيڪو

ان کي ورثي ۾ مليو آهي. ڇاڪاڻ جو عشق پنهنجي وسيع تصور ۾ اتساهه، اُميد، جاڳرتا ۽ پنهنجو پاڻ پسڻ جو نالو آهي. عشق کان سواءِ هن مٽيءَ جي مورت جو ڌرتيءَ تي جي جياپو ناممڪن آهي، عشق ئي آهي جنهن جي ڏِي ۽ ٽيڪ سان انسان اشرف المخلوقات توڙي زمين تي خدا جو نائب بڻجي چڪو آهي، بلڪ پنهنجي ارادي، اُميد ۽ جستجو سان چنڊ کي فتح ڪري ستارن کي قابو ڪرڻ جا ساڀيان ڪري رهيو آهي. انسان خواه ڪهڙي به مذهب، گروهه ۽ معاشري سان تعلق رکندو هجي، جيڪڏهن هو انسانيت جي درس تي عمل پيرا هجي ته پوءِ ان معاشري کي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪرڻ ۾ ڪابه مشڪلات پيش نه ايندي. انسان هڪ سماجي عمل جي نتيجي ۾ ظهور پذير ٿيو آهي ۽ ملي جلي رهي ٿو. جتي همدردي، احساس، سهپ جي بنياد تي هو انسانيت جي ساٿ ڏيڻ جو جذبو رکي ٿو، ماڻهو تعصب ۽ انا کان پاڪ ذهن جا مالڪ هجن. سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته هن کي ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ جي سگهه هجي ته پوءِ معاشرو امن، محبت، ترقي ۽ خوشحاليءَ جو ضامن هوندو آهي. اڳي انسان دوست فرد صرف ادب ۽ تعليم سان وابسته نه هو پر تهذيب، اخلاقيات، سياست جو ڪ اهم رُڪن هو. انهيءَ ڪري هر دؤر جي صوفيءَ جي پيغام ۾ انسانيت جو درس ملي ٿو. بيدل انسان جي عظمت جو پرچارڪ ۽ حامي هو اِهو ئي سبب آهي جو ان انسانيت کي شيهو رسائيندڙ رسمن ۽ رواجن خلاف نه صرف اعلان بغاوت ڪيو پر هن انهن کي بار بار نِنديو آهي. انسان

کي پاڻ سجاڻڻ وارو سبق ڏيندي غلاميءَ ۽ ذلت ڀري زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياري کين صحيح مانُ مرتبو، عزت ۽ عظمت ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙو سماج جنهن ۾ انسان ذات جي جذبن، حقن کي لتاڙيو ۽ چيڀاتيو ويندو آهي، اهو ڪنهن کي به پسند نه هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته هرڪو انسان ظلم، ڏاڍ کان نفرت ڪري ٿو. اها قطعي حقيقت آهي ته صحتمند ۽ سگهارو سماج تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن انسان جي عزت ڪئي وڃي ۽ فرد جو احترام ڪيو وڃي. نفرت، تعصب، خودغرضي ۽ عقوبتن واري ماحول ۾ نه ملڪي خوشحالي ممڪن ٿي سگهي ٿي نه ئي وري انسان کي سماج جو ڪارگر فرد بڻائي سگهجي ٿو. بيدل هڪ شفيق انسان هو. هن پنهنجي ماحول ۾ جڏهن انسان کي ويڳاڻو ملول ۽ لاچار ڏٺو ته هن عالم انسانيت جي حساس دل ۽ ذهين دماغ کيس اهڙي ڪلام چوڻ تي مجبور ڪيو، جنهن ۾ انسان جي وقار ۽ عزت جو درياءُ موجزن نظر تو اچي. بيدل جي ڪافيءَ تي غور ڪجي ته توهان کي يقيناً ان ڳالهه جو اعتراف ڪرڻو پوندو ته اهڙو مانُ عزت انسان ذات کي شايد ئي ڪو ڏاهو ماڻهو ڏئي سگهندو. انساني زندگيءَ ۽ سماج جي اوسر جي تاريخ صدين جي تجربي بعد اها حقيقت ثابت ڪري چڪي آهي ته ان ڪري هر سچ جي ساکي شاعر جيان بيدل سائينءَ ان ڳالهه جو اظهار پنهنجي شعرن ۾ جاءِ بجاءِ ڪيو آهي. سنڌ جي فڪري ۽ تصوف جي تاريخ ۾ شاهه لطيف، سچل سرمست کان پوءِ جنهن اهم شخصيت جو نالو اچي ٿو اهو آهي قادر بخش

بيدل- سنڌ جون هي برک ۽ باڪمال شخصيتون وحدت الوجود جي انوکي ۽ آفاقي فکر ۾ نراليون ۽ اعليٰ پائي جون هستيون ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ فقير قادر بخش بيدل کي پنهنجي وقت جو عظيم شاعر هجڻ جو درجو حاصل آهي.

قادر بخش بيدل، سچل سائينءَ جي در جو پانڌيئڙو ۽ سندس پرت ۽ فيض جو پينار ۽ طالب هو. هن پاڻ هڪ شعر ۾ لکيو اٿائين ته:

قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو
در تهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، ڪافي-69، سر روپ جهنگلو، صفحو 173)

جيتري قدر معلوم پيو ٿئي ته ان کي سڀ ڪو پنهنجي زاويي سان ڏسي ٿو، پرکي ٿو. ڇا فائدو آهي، ڇا نقصان آهي. ان جي حقيقت بلڪل نظر انداز ڪيل آهي. اها به حقيقت آهي ته انسان پنهنجي فعل جو مختيار آهي، وٽيس ته گل پوکي، وٽيس ته ڪنڊا وڇائي، البته ڪيس لڻڻو اهو ئي آهي جيڪو پوکيو اٿائين. ائين هرگز نه ٿيندو ته پوکي جوئر ۽ وري لُڻي ڪڻڪ اهو ممڪن ئي ڪونهي.

بيدل سائين 12 سالن تائين مڪتب مان سنڌي، عربي، فارسيءَ جي تعليم ورتي ۽ وڌيڪ علم پرائڻ لاءِ جدوجهد نه ڪيائين. حضرت قلندر لعل شهباز جي روضي تي وڃي رهيو. جتان به ڪيس رندي رمز حاصل ڪري پوءِ روهڙي واپس وريو

۽ پوءِ بيدل چوائڻ لڳو. سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي اندر پاڻ پروڙڻ جو سبق مليل ٿو. هو پنهنجي شعرن ۾ حق ۽ سچ جو درس ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو:

ڳولا ڪرين جنهن جي سوئي تون سلطان
پيهي پس تون پاڻ پنهنجي سونهن سڃاڻ
ناحق ٿيو نادان ليئا وجهين لوڪ ۾

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، بيت-122، داستان-وحدت نامو: صفحو-127)

ان کان علاوه بيدل جي ڪلام ۾ تصوف جا نقطا چٽيءَ طرح نظر اچن ٿا.

هستيءَ ڪي همہ اوست ۾ ڪيو گم جنهين
ڏٺو ٿُرت تنهين اڪِئين شُعاع شُهود جو

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، بيت-01، داستان-وحدت نامو، صفحو-115)

بيدل سائين عشق جي پنڌ جو اهو مسافر آهي، جيڪو هر ڏک سر تي سهڻ لاءِ تيار رهي ٿو، هر بدناميون ۽ بار سهڻ لاءِ هر گهڙي تيار رهي ٿو. پاڻ چوي ٿو:

بره جا بار بدناميون چمي چشمن تي چاياسي
بزرگيءَ گون پيچي بيدل-رنديءَ جا رنگ رچاياسي

(ديوان بيدل-عبدالحسن موسوي ڪافي 84، روپ بلاولي صفحو 179)

بيدل سائينءَ جي فڪري سرچشمن جو جائزو وٺجي ٿو ته مٿس قلندر شهباز، شاهه عنايت شهيد، لطيف ۽ سچل سرمست وانگر حسين بن منصور حلاج جي پيغام جو پڻ وڏو اثر هو. الله لوڪ درويشن جي هدايت تحت مالڪ حقيقيءَ جا طلبگار ايترو ته يادِ الاهيءَ يعني وحدت سان ذڪر جي رياضت ۾ محو ٿي ويندا آهن جو پنهنجي هستيءَ کان فنا ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح سلطاني سير جر مشاهدي ۾ محو ٿي ويندا آهن.

مخلوق مان اهي صوفي منش هن عالم آشڪار مان نيڪال ٿي سگهندا آهن، جيڪي پاڻ ۾ پنهنجي خيال تي ضبط رکي سگهندا آهن. اهڙا ئي فقير دنيا ۾ دوئي لالچ، ڪوڙ، حسد کان آزاد رهيا. هن اهڙي قدر جو هئڻ ۾ هستيءَ کان بـه فرار ٿي ويندا آهن، جنهن ڪري مٿس ڪوبہ خام خيال خلت ۾ خطرو حاوي ٿي نہ سگهندو آهي.

اونهي هن اسرار جي جنهين پئي ڪَلَ
لنگهي خوف خَلَلَ آيا ملڪ امانَ ۾

(ديوان بيدل-عبدالحسين موسوي، بيت-21، داستان-وحدت نامو، صفحو-116)

سرور سيف مطابق شاهه لطيف کان پوءِ سنڌ جي شاعرن ۾ فقير قادر بخش بيدل وڏو شاعر آهي، جنهن جهر جهنگ جهاڳيو. سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ گهمي مشاهدو ماڻيو.

پنهنجي دؤر جي سگهڙن، عاشقن، عارفن، عالمن، سالڪن ۽ شاعرن سان رهاڻيون ڪيون ۽ مجلسن ۾ وينو. مختلف بزرگن ۽ صوفين جي خيال کان آگاهي حاصل ڪئي. ڀنوَر ٻڌجي هر خوشبودار گل جي مهڪ ورتي. پنهنجي علمي اڃ اجهائڻ روحانيت جون رمزون ماڻڻ ۽ معرفت جا موتي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪڏهن جهوڪ جا تڪيا پسيا ته ڪڏهن قلندر جي نگري سيوهڻ جي حاضري ڀري، ڪڏهن پريالوءِ شريف مخدوم اسماعيل جي مزار پُر انوار تي ڪڏهن پير ڳوٺ پهتو ته ڪڏهن دونهين شريف، ڪڏهن پنهواري ته ڪڏهن عظمت وجي الله وارن جي حضور ۾ محبت مان فيضياب ٿيو.

پاڻ نه ڪٽج پاڻ سان پاڻ سڃاڻج پاڻ
ساجن توئي ساڻ تون ڳولهين ٻي طرف ڏي

(ديوان بيدل: عبدالحسين موسوي، صفحو-139، بيت-7، داستان- ابيات سنڌي)

اهو خودشناسي يا پاڻ سڃاڻڻ جو پيغام بيدل سائينءَ جي شاعريءَ ۾ جاءِ بجاءِ ملي ٿو. تصوف ۾ خودشناسي حاصل ٿي سگهي ٿي، جيستائين ماڻهو پنهنجي اندر لڪل صلاحيتن ۽ قوتن کي جاچي ۽ پرکي نه ٿو ڏسي يا صوفين چواڻي پنهنجي ذات جي حقيقت نه ٿو سڃاڻي ۽ عبد ۽ معبود ڳولڻ جي سعي نه ٿو ڪري يا خود ۾ حق جي تلاش کان پوءِ حاصلات تائين نه ٿو پهچي، تيستائين هو ان منزل کي نه ٿو

رسي سگهي، جيڪا عارفن، عاشقن ۽ سالڪن کي حاصل ٿيندي آهي. تنهن ڪري بيدل سائينءَ بہ تصوف جي ان بنيادي نقطي تي گهڻو زور ڏنو آهي.

مار نغارا اناالحق دا حق دي ذات ڪري اثبات

(ديوان بيدل: عبدالحسين موسوي، ڪافي-140: سر- روپ سارنگ، باب- سرائيڪي ڪافيون، صفحو-206)

بيدل سائين پنهنجي ڪلام ۾ اها ڳالهہ وري وري ورجائي آهي تہ اهو سارو ڪمال عشق جو آهي. عشق انسان کي هڪ اهڙي ڪائنات سان آشنا ڪري ٿو، جنهن جي حسناڪين ۽ رنگينين کي بيان ڪرڻ ڏاڍو اوکو آهي، تنهن ڪري بيدل سائين چوي ٿو تہ دنياوي علم جو آسرو ڪافي ناهي پر پنهنجي وجود جي حقيقت کي پروڙڻ ضروري آهي ۽ جڏهن اها ساڃاهہ ملي وڃي ٿي تہ اڳيون مرحلو پنهنجي هستيءَ کي فنا ڪرڻ وارو اچي ٿو. بيدل سائين چوي ٿو تہ اهي ڳالهيون پڙهڻ، پڙهائڻ سان سمجهہ ۾ نہ ٿيون اچي سگهن، جو تہ پڙهڻ وارا رڳو اکرن ۾ اڙجي پوندا آهن. اهي عشق جي چاڙهي نہ چڙهي سگهندا آهن.

پيهي پس حقيقت پنهنجي مُنهن موڙ ڪتابون
يا اڳتي چوي ٿو تہ:

سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي

(ديوان بيدل- عبدالحسين موسوي، ڪافي-294: سر- روپ آسا، صفحو-262)

مددي ڪتاب

1. ديوان بيدل، مرتب- عبدالحسين موسوي، ڇپائيندڙ- ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، ڇاپو- چوٿون، سال-2012ع.
2. ديوان بيدل، گرو مل هرجاڻي 2007ع، بيدل يادگار ڪميٽي روهڙي.
3. تصوف ۽ ڪلاسيڪي سنڌي شاعري، رشيد ڀٽِ، ماءِ پبليڪيشن سکر 2016ع .
4. عشق ڪيم اظهار- ڊاڪٽر ڪليم لاشاري، بيدل يادگار ڪميٽي روهڙي 2001ع.

پرت جو پينار بيدل

سيد اڪبر علي شاهہ بخاري

ٻاجهاري رب پاڪ پنهنجي مخلوق کي ڀٽڪڻ کان بچائڻ لاءِ هر هنڌ، هر لمحي ۽ هر هڪ جي هدايت ڪرڻ لاءِ هادي موڪليا آهن. رهبرن ۽ هادين هر خطي جي رهڻي ڪهڻي، تاريخ، ثقافت ۽ طبيعت موجب پاڻ کي مثال بڻائي ماڻهن جو توجهہ ۽ اعتماد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي وجود کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. اهڙن ولين ۽ بزرگن کي مختلف اذيتن ۽ تڪليفن مان گذرڻو پيو آهي. پنهنجي جان کان علاوه اولاد، مٽن مائٽن، عزيزن ۽ چاهيندڙن کي پيڙائن مان گذرندي پنهنجي ايمان ۽ عقيدي تي پُختو تي رب جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ تيل ڪڙاهين ۾ ترندا رهيا، باهہ جي آڙاهن ۾ لعل ٿيندا رهيا، گهاڻن ۾ پيڙهبا رهيا، تلوارن جي تيز ڌارَ کي ساهہ جي رڳن سان آزمائيندا رهيا. زهر جي ڪڙاڻ کي نڙيءَ ۾ اوتيندا رهيا. لوڪ طرفان نِڪَرَ، پٿرَ، لعنتن ۽ ملامتن جا تيز تيرَ ۽ نشترَ روحَ ۽ دماغ تي جهليندا رهيا.

الله تعاليٰ جي اهڙن ولين ۽ بزرگن سان هي ڌرتي ڀري پئي آهي. ساڳيءَ ريت سنڌ سونهاري جي سينڌ ۾ بہ ولي الله ستارن جيان چمڪي رهيا آهن. سنڌ جي ولين ۽ بزرگن جي آسمان تي قلندر لعل شهباز هڪ اهڙو سج آهي جنهن جي هڪ ڪِرڻي روهڙيءَ جي پٿريلي مٽيءَ مان بڻيل هڪ پُتلي

کي جرڪائي ستارو بڻائي ڇڏيو، جنهن کي دنيا بيدل جي نالي سان سڃاڻي ٿي. فقير قادر بخش ٻاروتڻ ۾ فقيري صفتن سان سرشار ٿي ويو هو. قرآن، حديث، فقه ۽ دنيوي علم حاصل ڪندو رهيو پر سندس نظر ۽ روح قلندر لعل شهباز سان جڙيل هو. آخر سِڱ ويهڻ نه ڏنس ۽ ننڍڙي ڄمار ۾ ئي پنهنجي روحاني مرشد جي ديدار لاءِ پيادل سيوهڻ اُسهيو. چوندا آهن ته پل عضوا سڀ پڳل هجن پر جي دل سلامت اٿس ته هو ضرور پنهنجي منزل ماڻيندو. فقير قادر بخش هڪ پير ڪان لڱائيندو هو پر ڏک ڪشالا ڪٽي ولين جي سرواڻ مرشد قلندر لعل شهباز جي زيارت لاءِ سيوهڻ پهتو. جيئن ئي قلندر لعل شهباز جي آڳرَ تي رسيو ته قلندر لعل شهباز جي نوراني تجلين سان سندن قلب، روح ۽ دماغ تان زماني جي گردشن جي دَزَ دفع ٿي پيس ۽ مَنُ جرڪي پَيُس. هن پنهنجي اندر مَتلَ مانڊاڻ کي همه اوست جي موج مستيءَ جي سمنڊ ۾ ڇولين ۾ ڇُلندي محسوس ڪيو. جتي دنيا دل جي غلام ٿي ويندي آهي اُتي فقير قادر بخش "بيدل" ٿي ويو. قلندر جي جوت سان جرڪي لاٽ ٿيڻ کان پوءِ سندس دل جيڪا ٿر جي صحرا جهڙي پياسي هئي، سندس مَن ڌرتي جيڪا مينهن ڪڻين کان سواءِ ٿوٺ ٿي چُڪي هئي سا انگورجڻ لڳي. گونج شعرن جي صورت ۾ سرجڻ شروع ٿيا.

فقير قادر بخش بيدل جي مادري زبان سنڌي ۽ سرائڪي هئي، پر جيئن ته قلندر سائين جي شاعري جو وڏو

تعداد فارسي ٻوليءَ ۾ آهي. سو قلندر سائينءَ جو رنگ سندس مَنَ تي سارنگ تي پالر پلٽيو.

فقير قادر بخش بيدل رواني سان فارسي، اردو، عربي ٻولين ۾ شاعري ڪرڻ لڳو. ان کان علاوه پاڻ سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ به ديوان لکي ڇڏيائين.

جيئن ته بيدل سائينءَ جو روحاني مرشد قلندر پاڪ هو، تنهن سان سندس تند جڙيل هئي ۽ ننڍپڻ کان ئي ڪيس مرشد جي تنوار هوندي هئي. چون ٿا ته قلندر سائينءَ ئي ڪيس دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو جو اتي پهچڻ کان پوءِ پاڻ علائقي ۾ ڳالهائجندڙ سمجهيون ويندڙ ٻولين ۾ اٽڪل 33 کان وڏيڪ ڪتاب لکي ڇڏيا.

بيدل سائين هڪ طرف قرآن، حديث، فقہ، شريعت جو جيد عالم هو ته ٻئي طرف لسانيات جو پڻ ماهر هو. پاڻ تصوف، وحدة الوجود، همہ اوست، روحانيت جو اعليٰ مفڪر هو پاڻ طريقت، حقيقت ۽ مرفت جا عارف ۽ سالڪ هو. بيدل سائين بين المذاهب، هم آهنگي جو داعي هو. ولي ۽ بزرگ جي نظر ماضي، حال ۽ مستقبل تي هوندي آهي. انهيءَ ڪري هن مؤرخ طور به پاڻ مڃرايو آهي ته شارح طور به خوب پاڻ ملهايو آهي.

شاعر، عالم، مفڪر هجي يا ولي الله انهن لاءِ مشاهدو لازمي آهي. ان لاءِ هي قبيلو سيلاني ٿيندو آهي. سفر بامقصد منزل مقصود جي ويجهو ڪري ڇڏيندو آهي. بيدل سائين پيدائشي طور تي قلندري هو پر ظاهري طرح سان سندس

مرشد سيد جان الله شاهہ ثاني هو، جيڪو سندس والد صاحب ميان محمد محسن جو بہ مرشد هو. ائين ڪٽي چئجي تہ سيد جان الله شاهہ رضويءَ وارا سندن ڏاڏا پير هئا. سندن دعا سان ميان محسن کي فقير قادر بخش عطا ٿيو. جڏهن 1230 هجري بمطابق 1815ع ۾ سندن ولادت جي خبر دائيءَ سندس والد کي ڏني ۽ چيائين تہ نينگر هڪ پير کان مندو آهي تہ سندن مرشد چيو تہ دل نہ لاهہ هي ٻار مندو نہ پر روهڙيءَ جو جهندو ثابت ٿيندو.

بيدل سائين ننڍپڻ کان ئي مراد وند هو، پيرن فقيرن ۽ ولين سان عقيدت رکندو هو. هڪ جاءِ تي سچل سرمست رحہ سان عقيدت ۾ چوي ٿو تہ:

قربدارن جي ڪٽڪ ۾، مرد منصبدار هو

در تنهين داتا جي بيدل، پرت جو پينار هو.

(ديوان بيدل عبدالحسين موسوي، ڪافي-69 سر روپ جهنگلو صفحو 173)

رندي رمز ماڻڻ لاءِ بيدل سان اڪثر پير جو ڳوٺ ڪينگري ۾ راشديہ درگاهہ تي حاضري ڀريندو هو ان وقت پير سيد حزب الله شاهہ پير پاڳارو هو. سندس اصرار تي بيدل سائين سندس فرزند پير علي گوهر شاهہ کي رومي جي مثنوي پڙهائي.

ان کان پوءِ پريالوءِ ۾ مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي درگاهہ تي پڻ حاضري ڀري، تن مَن کي تازو ڪيو. ساڳئي ٿرَ ۾ سيد جلال الدين سرخ پوش بخاري اوچ واري جي اولاد

سيد محمد شاهه عرف موتڻ شاهه ۽ سندس فرزند سيد ابراهيم شاهه دونهين (نزد ٻبرلوءِ) واري جي درگاهه تي پڻ حاضري ڀريندو هو. انهن ڏينهن ۾ گادي نشين جنهن کي شاه وڏو چيو ويندو هو سو سيد جعفر علي شاهه اول هو، تنهن کان به معرفتِ الاهي ۽ حُب اهلبيت جا گوهر موتي ماڻيائون. هڪ روايت ملي ٿي ته کندڙيءَ وارو روحل فقير ٻيو، سيد جعفر علي شاهه اول، بندر روڊ سکر واري ٽڪاٽي جو ڀائي موتيرام ۽ بيدل سائين جي چوياري هوندي هئي.

بيدل سائين ڀٽ شاهه ۾ لطيف سرڪار جي درگاهه جي زيارت کان پوءِ جهوڪ شريف صوفي شاهه عنايت رحه تي حاضري پڻ ڀري.

بيدل سائين هڪ قادر ڪلام شاعر هو، جنهن جي ڪلام ۾ آفاقي پيغام آهي.

بيدل سائين جو اجا رهيل ڪلام ۽ قلمي پورهيو ڇپجڻ کپي. بيدل سائينءَ جي فڪر ۽ سوچ تي کوجنا ۽ تحقيق جي ضرورت آهي. بيدل سائين فارسي، عربي، اردو، سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليءَ ۾ علم جو خزانو اسان لاءِ ڇڏيو آهي. ان خزاني مان روح، دل ۽ دماغ کي مندر کندڙ تجليون روشن ڪري رهيون آهن. اڄ جي نوجوان کي کپي ته بيدل سائين جي ڪتابن سان دوستي رکي.

بيدل سائين جسماني طرح سان 16 ذوالقعد 1289ھ بمطابق 15 جنوري 1873ع ۾ وڃي خالق حقيقي سان مليو.

حوالا:

1. بيدل-21 بيدل، بيدل يادگار ڪميٽي روهڙي 2021ع ء.
2. ديوان بيدل گدو مل هرجاڻي، بيدل يادگار ڪميٽي روهڙي.
3. ديوان بيدل عبدالحسين موسوي، ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو-چوٿون، سال 2012ع.

بيدل ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو

رپورٽ: عابد سومرو

بيدل يادگار ڪميٽي روهڙي پاران بيدل فقير جي عرس مبارڪ جي موقعي تي بيدل ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو ٿي گذريو، جنهن جي صدارت نامياري محقق ڊاڪٽر شريف شاد سومري ڪئي. جڏهن ته خاص مهمانن ۾ ناميارو محقق علامه حزب الله آءِ سومرو، ڊاڪٽر انور پرديسي، ناميارو شاعر علي حسن سرڪي، راڳي مانجهي فقير، صحافي ۽ ليکڪ عبدالجواد عباسي، مجاهد بوزدار صدر پريس ڪلب روهڙي، اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان خيرپور سيد اڪبر شاهه ۽ امتياز علي ميمڻ ڊائريڪٽر ثقافت کاتو (سنڌ) سکر شامل آهن.

تقريب جي ڪاروائي ناميارو ليکڪ ۽ ادبي ڪميٽيءَ جي ڪنوينر پروفيسر شمس صابر ڪلوڙ هلائي. تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت سڳوري سان ڪئي وئي، جيڪي مشهور نعت خوان خان محمد چاچڙ سرانجام ڏنيون. ان بعد بيدل يادگار ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري صاحبزاده عبيدالله قريشيءَ آجياڻو ڏيندي چيو ته بيدل يادگار ڪميٽيءَ جي اڳئين باڊي وارا ڪجهه مخصوص اديبن کي گهرائيندا رهيا. ڪجهه لاءِ ديوار بڻجندا رهيا، پر اسان بنا ڪنهن فرق جي بيدل ڪانفرنس ۾ سيني اديبن ۽ شاعرن جي آجيان ڪريون ٿا، جو ته تصوف تعصب ۽ لابيون نه ٿو سيکاري. ان بعد عطاءُ الله قريشي، فقير قليو، پروفيسر منظور بيدار،

عبدالجواد عباسي، علي حسن سرڪي، ديدار معصوم، علامہ حزب الله آءِ سومرو، ڊاڪٽر انور پرديسي، پروفيسر شريف شاد سومري ۽ ٻين مقالا پڙهيا. جڏهن تہ شاعرن ۾ سيد مسڪين شاھ، زاهد تنيو، اويس ساگر سومرو، ثاقب قريشي، حاڪم ناريجو، عابد سومرو، سميع ساجد جوڻيجو، احمد علي مسافر، عبد نوناري ۽ ٻين بيدل ڪي شاعريءَ جي صورت ۾ پيتا پيش ڪئي. خاص مهمان علي حسن سرڪي پنهنجي مقالي ۾ ٻڌايو تہ صوفي بزرگ بچل شاھ جيڪو بيدل جو هم عصر هيو ان جي شاعريءَ ۾ بيدل جو اثر هيو. خاص مهمان ڊاڪٽر انور پرديسيءَ پنهنجي مقالي ۾ ٻڌايو تہ تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ بيدل جو وڏو اثر رهيو، علامہ حزب الله آءِ سومرو پنهنجي مقالي ۾ علم ۽ عقل کان متاهون عشق کي قرار ڏنو ۽ عشق جي بنياد تي قرباني، ايثار، فنا ۽ بقا جو سلسلو بيان ڪندي چيو تہ علم ۽ عقل بنا خدا جي، انسانن لاءِ نقصانڪار آهي. جڏهن تہ باخدا علم ۽ عقل جنهن کي صوفي دانائي قرار ڏين ٿا اهو ئي قابل قبول آهي. صدارتي مقالي ۾ ڊاڪٽر شريف شاد سومري چيو تہ بيدل فقير جي فڪر سان گڏ ان جي فن تي بہ تحقيق ٿيڻ گهرجي. مون بيدل فقير جي ڪافيءَ جو فني جائزو پيش ڪري ان جي فني عظمت کي اجاگر ڪيو آهي. ان موقعي تي شاعرن ۽ اديبن کي گيڙو سَروپا، اعزازي شيلڊون ڏنيون ويون. آخر ۾ سيني مهمانن کي ماني کارائي دعاءِ خير گهري وئي. ٻئي پاسي رات دير تائين مانجهي فقير ادبي هال ۾ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريندو رهيو.

شاعري/ پيتا

- علي حسن سرڪي
- ديدار معصوم
- حاڪم علي ناريجو
- سيد مسڪين شاهه
- ڊاڪٽر اسماعيل ماڪو
- سميع ساجد جوڻيجو
- منظور بيدار
- احمد علي مسافر
- اويس "ساگر" سومرو
- رئيس ذوالفقار جانوري
- محمد ثاقب اختيار قريشي
- عابد سومرو
- نصير احمد فقير چنه
- عبد نوناري
- زاهد تنيو

غزل

علي حسن سرڪي

هر دم رهيو ڪلامي، بيدل اسان جو آهي.
صوفي فڪر جو حامي، بيدل اسان جو آهي.

پيغام ٿيو نشانبر، انسان ذات جي لئہ،
لکندو رهيو مدامي، بيدل اسان جو آهي.

پرچار جنهن بہ ڪئي آ انسانيت جي هتڙي،
ٿيندو رهيو سلامي، بيدل اسان جو آهي.

آگاهہ وقت ايندڙ کان آدمي ڪيائين،
ماڻهو بڻيو عوامي، بيدل اسان جو آهي.

انگريز جا ارادا پڌرا اچي ڪيائين،
ڪنهن جي نہ ڪئي غلامي، بيدل اسان جو آهي.

هر رَنگ ۾ رچيائين، هر خيالُ شاعريءَ جو،
ٻولي جنهن جي اڏامي، بيدل اسان جو آهي.

آهي سُڪونُ ماڻهو، درگاهَ تي اچي اڄ،
”سرڪي“ ٿيو هم ڪلامي، بيدل اسان جو آهي.

غزل

ديدار معصوم

سَمجھي سُرود نامَي جو شانُ صوفياڻو،
بيدل لکي ويو آ ديوانُ صوفياڻو.

ڇڏ تون فُضول گُفتو حَق جو سَنيار رَستو،
نهر البَحر مان پڙهُ تون فرمان صوفياڻو.

شهباز نِينهن جهڙو رُومي جي رَقص مان ڪو،
مُون ۾ نَچي رَهيو آ اِمڪانُ صوفياڻو.

جيئن مُون قدم وَڌايو پَنهنجو مَزارَ ڏانهن هو،
تازو هو مُنهنجو تي ويو ايمانُ صوفياڻو.

حق ۽ خودي جي وَل جان شوق شُهود بَڻجي،
چَڙهندو رَهي تو مُون تي وَجدان صوفياڻو.

سنسارَ جي جَهنجهٽ ڪان هِي جانِ ئي ڇُٽي پَئي،
مُنهنجو رَهي تو مون سان يَڳوانُ صوفياڻو.

سڀ ڪاڻِ قياس دل ۾ جيسين تون پاڻ رَکندين،
پوءِ يَلو ٿُون تيندين اِنسانُ صوفياڻو.

مُون ڪي نہ آ وَڏائي، ”معصوم“ سوچ آهي،
ان لاءِ مان ڪيان تو گُذران صوفياڻو.

شاعر

حاڪم علي ناريجو

هر اِنس جي ظلم جو غم خوار هجي ها،
جي نئين ٿهي ڪي بيدل جي پرچار هجي ها.

تهذيب و تمدن جو نشو ڪير تو سوچي،
اخلاق جي پيڙا ۾ جهڪو ڪير تو سوچي،
سوچي ٿي تڪيل سوچ پڪو ڪير تو سوچي،
صوفي مزاج هر ڌرم جو ڪم ڪار هجي ها.
جي نئين ٿهي ڪي بيدل جي پرچار هجي ها.

ڏاڍو آهي گابو ۽ ڏاڍي جي طرف ڏنُ،
ڪائنٽ ۾ بہ چوري چا روپ ڪرپشن،
واڻا سٽيي ديڳ جي پاسي ۾ واڪا ڪن،
ڇا بي ميار اهڙي معيار جو سنسار هجي ها.
جي نئين ٿهي ڪي بيدل جي پرچار هجي ها.

قرآن و سنت آ بيان بيدل جي ڇهل ۾،
اسلام اُنس ديپ آ سپ ڪلام ڇيل ۾،
ڪشمير مون لاءِ پوءِ پر لنڊن پهل ۾،
نہ فلسطين ۾ رَتُ جي ڪا هبڪار هجي ها.
جي نئين ٿهي ڪي بيدل جي پرچار هجي ها.

يٺ جي گھوٽ بہ ٻولي تو بيدل طرز حوالو،
مُنهن مني خوشامندي لاءِ جنت کي آ تالو،
رحمة اللعالمين آ "حاڪم"، نبي محمد جو نالو،
ڪُڏي نفس جو حامي نہ ڪو پوتار هجي ها،
جي نئين ٿهي ڪي بيدل جي پرچار هجي ها.

غزل

سيد مسڪين شاهہ

بيدل برهہ جي باهہ ڀڙڪائي آ.
اڇي عشق اندر ۾ آتش لائي آ.

تون منهنجو، مان تنهنجو آهيان،
چو تہ پاڻ وٽ حق هيڪڙائي آ.

تن ڪي حق ڪيئن ايندو نظر،
جن مَن ۾ رکو مدائي آ.

سي ئي پسندا پرين پل پل،
جن وٽ سچل وارو سچ ۽ سچائي آ.

منهنجو مرشد آ نثار درازي،
جنهن جي ڪل ڪل اندر ڪل ڪمائي آ.

مسڪين مان صوفي لا ڪوفي آهيان،
منهنجي من ۾ لطيف ۽ لطيف جي وائي آ.

انيئڙو ڊاڪٽر محمد اسماعيل ماکو

(1)

هو ابن محسن-پدر محسن، روهڙي محسن گفتار افڪار منا مثل سرولي
ڪٿهن عبد قادر- ڪٿهن بخش قادر، نسب قريشي، ڪسب ۾ پرين هي پٽولي
ان ٻالڪ ڪي ٻنڌٽي- لوڏي هندوري، مني ماءُ ڏنس عشق لولي
مجازيءَ نہ منجهيو، نہ نچيو، نہ ڪڏيو، حقيقيءَ اڳيان جهليس يار جهولي
سندن آ سٽن هندي فارسي-اردو عربي- سرائيڪي سنڌي پنهنجي ٻولي
اياٽا چا جاٽن- ملي هس منزل جيئن پرينءَ اک ڪولي
ونان لفظ ڪهڙا- سٽون ڪيئن سهيڙيان ثنا هن نہ سولي
ٻٽايان بيت ڪهڙا؟ ورايان ڪهڙي وائي؟ ڪافي ڪهڙي؟ آ ڪافي هنجي تہ ٻولي ٻہ گولي

(2)

ٻچان هس ٻي ڪان، پڙهيو ٻچپن اکر الف سنڌوئي
ڳوليان وينو ڳوليان، مستند مدرس هت ملي مون نہ ڪوئي
قرآن، احاديث، شاهہ، رومي، ڪنز، قدوري ڪافيہ هيس سيني سيوئي
قاضي، ڪنبوي، فتح، عبدالرحمان، محمد علي ساٿي هس سالڪ سيئي
ڪيا هن ڪشالا ڳوٺ پير، پرينءَ لوءِ، درازا، سيوهڻ سيوئي
محمود شاهہ، حيدر حقائي، جان الله شاهہ، جيئي شاهہ هئس جابن جيئي
غلام، پير، ڪرم، مليس مجازي موهت ۾ نہ اٿس ڪو ٻالڪ ٻيوئي
پروڙي پرولي، ٻڳي نفس گهڙولي، اناالحق نعرو اندر مان آيس اِهوئي

(3)

توهان جو لکيو في بطن احاديث- وصيت نامہ، مخسمات، صراط السالڪين
قصيده من تواريخ، پنج گنج، ظهور نامہ، سرور نامہ، وحدت نامہ، مناقب السبطين
چا ڪئي آ شاعري منجهہ قصہ هير رانجها، ليليٰ مجنون، رموز قادري سلوڪ طالبين
مٺيا منجهہ مثنوي، رياض الفقر، مثنوي نهر البحر، مثنوي دلڪشا، سند موحدين
ڪيان بيان ڪهڙو ڪرسي نامہ قادريہ، ديوان مصباح الطريقت، منهاج الحقيقت ۽ رموز عارفين
آ، دز دلين تان ڌوتي، تنهجي سلوڪن سان سالڪين

علم ۾ اسلام ۾، ڪربلا جو نام پيي تا پڙهن حيران اڪابر عالمين
قلب سان قادري، حلاجي، صوفي تا سڪن سخت توڪان صالحين

(4)

آهن شعرن اندر آيتون- حديثون مها قول عربي صوفين جون وصفون
انهن حمد واحد، ثنا سرور- علي شان، مرثين مصراعون
تو سچل کي سراهيو- قلندر کي ڳايو، مجازي نيايو، نہ وسريون غوث پاڪ مدحون
پتائي نہ توڪان پليو، ان اثر تو اهڙو، سڻايون تو سموريون سٿون
ها توهان ئي ٻڌايو ملي تن کي منزل دوستيءَ ۾ هم اوست ڪيو گم جنين
رندي، راز، رمزون، منصور سوريءَ مليون
ڪئي ڳالهيون ڳجهہ جون اوهان اهڙيون ڪيون
ويون ايڪائيءَ ۾ ايڪ تي معنائون صورتون

(5)

ها ڪافين روپ بروو، ڪافين روپ جهنگلو ڪيا هن الاهي اشارا
بلاولي، آسا، ديسي اندر، لاٽا اوهان مذهبن مونجهارا
سارنگ روپ، جوڳ پورب، ڪلياڻ عشق عقل تي ڪيا وار ڪارا
ڪامول، سهٽي، سسئي بسنت بهاڳ هنيا نينهن نعرا
گنوري، مالڪوس، منقبتيون، بيت سهہ حرفيون ٻڌائن راز سارا
ڏوهيڙن ۾ ڏس آ، ويا حجاب وحدت وڄايا نغارا
اهي نيڻ نرگس- بخشن بره کي نرمل نظارا
تو ڪيا بيان بيت ڪهڙا، آهن سٽن ۾ سيپارا

(6)

ڳالهيون بيتن ظاهر، باطن، عشق حسن ڏين عشق دلداري
سورج، نرگس، سنبل تو چمن لائي گلن گلزاري
عشق الست بربڪم وارو ڏيهان ڏينهن ڏهاڙي

هر مظهر فيض منگين تنهنجي عشق سان آيا ياري
جيئندي، مرندي ٻاجهه گهرين آهي تنهنجي بات نياري
ڳالهيون حضرت آدم، نوح، يوسف، ابراهيم، موسيٰ پر احمد سارين رات ساري
نفس طلب تات ڪري، پر ڄاڻين بندي بار ڪنيا هن ڀاري
ها مرشد حال حقيقت هڪ تيڻ ڄاڻين تہ ڇا آ نوري ۽ ناري

(7)

بيانن، ڀلارن، پنهنجن اندر، الف الفت اورين
وجهي تن تسبيح، مٺيا سي محبت تو فرصت ڦيرين
نہ وڏا بحث، نہ اعلان اگرا، سچن سالڪن صحبت سهيڙين
بنيا نہ بت خانہ، اندر تو اجايا، وجودين وحدت ويڙهين
پنهنجن ڏس پتن ۾، روش روين ۾ تو طريقت تورين
سي فرض، روزا نمازون اول توهان وٽ، نہ شريعت ڇيڙين
اويلي، سويلي ويني هر ويلي وينو معرفت ميڙين
مجاز اوهان وٽ لقاءُ لوڪ آ، هميشہ هنيئون حقيقت هيرئين

عظيم صوفي شاعر حضرت قادر بخش بيدل رحه کي منظوم پيئا

سميع ساجد جوڻيجو

بيدل رهيو آ سنڌ ۾ اعليٰ مقام تنهنجو،
هر ڪنهن جي دل جي اندر آ احترام تنهنجو.

شاهي آ شانُ تنهنجو اعليٰ تنهنجو نسبُ آ،
اوچو رهيو آ درجو دلبر مدام تنهنجو.

حاصل ڪري تنهن ورتي، حق سچ جي واٽ آهي،
جنهن ڀي پڙهيو ۽ پُرجهيو آهي ڪلام تنهنجو.

تو در اچن سوالي هر سال روهڙيءَ ۾،
ميڙو متل رهي ٿو، صبح ۽ شام تنهنجو.

محبت، پيار، اُلفت آهن امن جون ڳالهيون،
شعرن ۾ آهي ظاهر پيارا پيام تنهنجو.

سنڌ کان علاوه هند ۾ آهين مشهور بيدلؔ،
سڀ ڪنهن جي لب تي آهي پلپل ئي نام تنهنجو.

تنهنجو هي آهي نوڪر "ساجد سميعؔ" او سائين،
رهندو سدا جوڻيجو، گولو غلام تنهنجو.

بيدل سائين

منظور بيدار

بيدل سائين تيڏي مهرباني دَر آپڻي سڏاوڻ دي.
ڪوشش ڏاڍي ڪريسون، تيڏن نال ناتا نياوڻ دي.

بيدل سائين جنهن مالڪ دل ڏتي اي مُحبت والي،
هر ويلي ضرورت هي تنهن مالڪِ دي ڳڻ ڳاوڻ دي.

بيدل سائين سگهہ ڳِهن ڏيوو مالڪ مهربان ڳنون،
اپڻي رتل پِرين پيارا ن ڪون هميشہ پرچاوڻ دي.

بيدل سائين سبق جيڪو تُسان پڙهايا آپ سُجاوڻ دا،
رب رحمٰن ڏيوي توفيق، آپڻان آپ سُجاوڻ دي.

بيدل سائين رحيم ڳنون اهڙا جَذبا ڳِهن ڏيوو،
توفيق ٿيوي ڏٽي در سيس سَدا نماوڻ دي.

بيدل سائين مالڪ دي در عرض رکو اَسان طرفان،
همت ڏيوي ظالم ڪُون سدا سَچ سُڻاوڻ دي.

بيدل سائين مالڪ دي بارگاهہ وِچ دعا منگوتہ،
طاقت ڏيوي باطل دي بُتان ڪون ڍهاوڻ دي.

غزل

احمد علي مسافر

پاڪيزه ذهن پنهنجو سوچون شفاف رکجن،
من ۾ نہ مير، مديون ڪنهن جي خلاف رکجن.

اکڙين ۾ رکجي ڪعبو، محبوب جي تہ گهر ڪي،
نظرن سان پيو چمجي، پنبڻيون غلاف رکجن.

هن ساڙ ۾ حسد ڪي ڇو پالجي اندر ۾،
ڪينا ڪڍي دلين مان، سينا بہ صاف رکجن.

هڪ پل تجي پري دلبر جي ڪين در ڪان،
ور ور مڙي پيا هر هر، تنهن جا طواف رکجن.

رسوا ڪجي نہ ڪنهن کي، سرعام ائين "مسافر"
پنهنجن توڙي پراون، عيبن تي لحاف رکجن.

نظم

اويس ساگر سومرو

اسين بس امن گهُرون ٿا.
مهڪندڙ هي چمن گهُرون ٿا.

گيت، خوشيون ۽ پيار گهُرون ٿا،
ميٺُ، محبت ۽ بهارُ گهرون ٿا،

خوشحال سارو سنسار گهرون ٿا.

آزاد هي سارو وطن گهرون ٿا،
اسين بس امن گهرون ٿا.

لالچ، لوڀ نہ شهرت رکون ٿا،
پنهنجي مفاد لئہ نہ دولت گهرون ٿا،
پنهنجي مِٽيءَ ساڻ بَس چاهت رکون ٿا.

اسين ديشُ سارو کونہ گهرون ٿا.
اسين بس امن گهرون ٿا.

آزاد هتي هر ڪا ناري هُجي،
خوشحال هِتان جو هاري هُجي،
پريت هر جاءِ "ساگر" جاري هُجي.

اسين ڌرتي ساري سُخن گهرون ٿا،
اسين بس امن گهرون ٿا،
مَهڪندڙ هي چَمن گهرون ٿا.

غزل

رئيس ذوالفقار علي جانوري

اسان جي شهر روهڙيءَ جو، ٻٽيو سينگار آ بيدل.
ڳچيءَ جو هارُ آ بيدل، اکين جو ٺارُ آ بيدل.

ڏسو اُلفت جي مذهب جو، سِتارو ٿو رهي روشن،
اَمن ۽ ڀائيچاري جو، وَنڊيو ويچارُ آ بيدل.

ڀٽائي پيو وَسي پٽ ۾، ٿو روهڙيءَ ۾ وَسي بيدل،
حقيقت حق ۽ سچَ جو، علمبردار آ بيدل.

گلابن جي گلن جهڙي، پرينءَ جي شاعري پياري،
سدا موجود سُپرينءَ جو، سراپا پيار آ بيدل.

سندس فلسفو مُعطر، عطر ۽ مُشڪ وانگي آ،
سچلُ صوفين سندي صف ۾، صفا نِروارُ آ بيدل.

اسان جي خوش نصيبي آ، رهون ٿا شهر بيدل ۾،
سُڄاڻپ جانوري ٻڌجي، ويو ذوالفقار آ بيدل.

بيدل سائين رحه

محمد ثاقب اختيار قريشي

عشق جو اسرار بيدل آ.
برهه جو رازدار بيدل آ.

شريعت ۽ طريقت جو سردار بيدل آ،
حقيقت ۽ معرفت جو سالار بيدل آ.

مجاز عشق ۾ فنا في الله معشوق بيدل آ،
حق جي راهه ۾ اناالحق دلدار بيدل آ.

هادي جي هدايت ۾ حبدار بيدل آ،
عشق مستيءَ ۾ مهندار بيدل آ.

ثاقب کي ناهي اختيار لفظن جو،
اسان جي ظاهر ۽ باطن جو امام بيدل آ.

غزل

عابد سومرو

صوفين ۾ الڳ مقام آ بيدل جو.
سرخرو ڪردار ۽ نام آ بيدل جو.

هر محبت جي مستي راز و رمز،
هر هنڌ اهو ئي پيغام آ بيدل جو.

يار جي ياد کان نه غافل ٿجو،
اُن جي ياد سان پُر جام آ بيدل جو.

دل ۾ سڪ هئي ڏاڍي مون سالن کان،
آيو آهيان اڄ مان ڪرڻ سلام بيدل جو.

ڪي ڪدورت ڪينو دل مان "عابد"
وستي واهڻ ٿيو فڪر عام آ بيدل جو.

غزل

نصير احمد فقير چنه

محبت مظهر، بيدل سائين.
رندن رهبر، بيدل سائين.

راضي، راضي، راضي توني،
پاڪ تہ پرور، بيدل سائين.

حق آ، حق آ، حق آ حقيقت،
دل جو دلبر، بيدل سائين.

محبت، محبت، محبت جو آ،
نانءُ نشانبر، بيدل سائين.

الفت، الفت، الفت ۾ بس،
اصلي اظهر، بيدل سائين.

شفقت، شفقت، شفقت شامل،
محب مُنور، بيدل سائين.

خدمت، خدمت، خدمت سڀ جي،
محبت منظر، بيدل سائين.

نصير، نصير، نصير فقير بہ،
تنهنجو نوڪر، بيدل سائين.

نثري نظم

عبد نوناري

بيدل تنهنجي نگريءَ ۾

حاضر تيو آهيان
ڏاڍو خوش تيو آهيان

بيدل تون آهين
شاھ سچل جو عڪس

تو پاڻ هنيو نعرو سچل جو
مان جوئي آهيان سوئي آهيان

تون سراسر سچ آهين
بيدل تون حق جو نور آهيان

تو سچن جو سرواڻ آهين
موج پريو مهراڻ آهين.

نظم

زاهد تنيو

بيدل بيكس ديس آ منڙو.
صوفين کي لڳندو آ پَلِڙو.

بيدل بيكس تنهنجي گهڙولي،
جنهن ۾ تنهنجي سهڻي ٻولي.

بيدل بيكس ساهه آ منهنجو،
تو ۾ ئي ويساهه آ منهنجو.

بيدل بيكس صوفي سهڻو،
دلڙين ۾ آن زنده رهڻو.

بيدل تنهنجو ويس آ گيڙو،
ان سان گڏ گڏ ديس آ گيڙو.

”لا“ جو ڪنو هٿ ڪري، لڙائي ڪا لاءِ،
و جاهدوا في سبيله، جوش جيئون جاڳاءِ،
پير تو پڙ جو پاءِ، سانگو لاهي سر جو.

حضرت فقير قادر بخش بيدل رحہ